روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) جمعو 12 مئي 2023 ع بمطابق 21 شوال المکرم 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 346

سپريم ڪورٽ عمران خان جي گرفتاري غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏي، آزاد ڪرڻ جو حڪم

سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمران خان کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو، عمران خان کي 15 گاڏين تي ٻڌل سيڪيورٽي قافلي ۾ سپريم ڪورٽ آندو ويو

عمران خان کي عدالت جي ڪمري ۾ پهچائڻ کان پوءِ عدالت جي ڪمري کي بند ڪيو ويو، عمران خان کي عدالت جي ڪمري ۾ پهچائڻ کان پوءِ عدالت جي ڪمري کي بند ڪيو ويو: عدالت

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ مهلت ڏني وڃي. حامد جي درخواست سپريم ڪورٽ طرفان رد ڪئي وئي: عمران خان جو وڪيل حامد خان

اڄ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ فيصلي جي ٻڌڻي ڪندي جڏهن هڪ شخص عدالت ۾ پيش ٿئي ٿو ته ان جو مطلب اهو آهي ته هو پاڻ کي سرنڊر ڪري ٿو: چيف جسٽس عمر بنديال

هاءِ ڪورٽ جو جيڪو فيصلو ايندو اهو سڀني کي مڃڻو پوندو، ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جهڙا اڳواڻ پيهر نه ايندا ايترن وڏن اڳواڻن کي مارڻ کان پوءِ به حالتون ڪنٽرول ۾ رهيون

خان صاحب سياسي ماحول سياستدانن کي پيدا ڪرڻو آهي، سپريم ڪورٽ جي ڪري اوهان اڄ هتي بيٺل آهيو: ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري کي غيرقانوني قرار ڏيندي ڪيس فوري طور تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت سگهوري عمران خان کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان ٻيهر رابطو ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمران خان کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عمران خان کي 15 گاڏين تي ٻڌل سيڪيورٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان سپريم ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ لاءِ اچي رهيو آهي

مونکي هاءِ ڪورٽ مان اغوا ڪيو ويو، ڏنڊا هنيا ويا: عمران خان

مون سان اهڙو رويو اختيار ڪيو ويو جهڙو ڪنهن ڪرمنل سان به ناهي اختيار ٿيندو

اوهان هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو، عدالت فيصلو اوهان کي قبول ڪرڻو پوندو: چيف جسٽس

عدالت جي خواهش آهي ته عمران خان پرتشدد مظاهرن جي مذمت ڪري

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سپريم ڪورٽ ۾ پيشي وقت چيف جسٽس کي ٻڌايو ته ڪيس هاءِ ڪورٽ مان اغوا ڪيو ويو عمران خان چيف جسٽس کي ٻڌايو ته ڪيس اغوا ڪرڻ بعد ڏنڊا هنيا ويا. مون سان اهڙو رويو اختيار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وزيراعظم شهباز شريف قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪري ورتو

قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس اڄ وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندو

اجلاس ۾ وفاقي وزيرن سميت هٿياربند فوجن جا سربراهه شرڪت ڪندا

اسلام آباد (م د) وزيراعظم شهباز شريف قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس طلب ڪري ورتو. ذريعن مرجب قومي سلامتي ڪميٽي جو اجلاس سڏائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

پي ٽي آءِ وارا عمران خان سان لاتعلقي جو اعلان ڪندي ڪيس غدار قرار ڏين: وڏو وزير

پي ٽي آءِ کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته اها ٽي ٽي پي ٿيڻ چاهيندي يا سياسي جماعت؟ مراد علي شاهه

رياستي ادارن جي آفيسن تي حملا ڪيا ويا، سياسي ماڻهو گرفتاري دوران فائرنگ نه ڪندا آهن: سعيد غني

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته پي ٽي آءِ وارا عمران خان سان لاتعلقي جو اعلان ڪندي ڪيس غدار قرار ڏين، جيئن ايم ڪيو ايم الطاف حسين کي غدار ڏنو هو اميد آهي ته پي ٽي آءِ وارا به عمران خان کي غدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي محمد خان ۽ سينيٽر اعجاز چوڌري (فائيل فوٽو)

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي محمد خان ۽ سينيٽر اعجاز چوڌري گرفتار

علي محمد خان کي اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو ڪيس 3 ايم پي او تحت گرفتار ڪيو ويو

سينيٽر اعجاز چوڌري کي گلگت بلتستان هائوس مان گرفتار ڪيو ويو

سينيٽر اعجاز چوڌري کي به 3 ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي محمد خان ۽ سينيٽر اعجاز چوڌري کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس اختيارين موجب علي محمد خان کي اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو ڪيس 3 ايم پي او تحت گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد پوليس تحريڪ انصاف اڳواڻ شاهه محمود قريشي کي گرفتار ڪري ورتو

اڳوڻي پرڏيهي وزير کي وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ گلگت بلتستان هائوس ۾ گرفتار ڪيو ويو

شاهه محمود قريشي کي ٽري ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو آهي: ذريعا

گهيراءُ ۽ پرتشدد مظاهرا ڪندڙن خلاف امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ تحت گرفتاريون ڪيون پيون وڃن: پوليس

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي پوليس گرفتار ڪري ورتو. پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: شاهه محمود قريشي گرفتاري وقت هٿ لوڏيندي

ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر وري مهانگو ٿي ويو

ڊالر جي قدر اڳوڻا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا

آمريڪي ڊالر 8.78 رپيا واڌ سان 299 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو ملڪ ۾ امن امان جي خراب صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

آءِ ايم ايف هجي يا نه پاڪستان جو ڏيوالو نه ٿيندو: اسحاق ڊار

سمورا شرط پورا ڪري ڇڏيا آهن، آءِ ايم ايف جي شرطن موجب معاهدي لاءِ قدم کنيا

پاڪستان جي ڏيوالي بابت افواهه نه پکيڙيا وڃن، پاڪستان بابت ناانصافي تي ٻڌل عالمي سياست ختم ٿيڻ گهرجي

جون تائين 3.7 ارب ڊالر ادا ڪرڻا آهن، پاڪستان سمورا واعدا پورا ۽ وقت تي ادائيگيون ڪندو

اسلام آباد (م د) ناڻي واري وفاقي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته آءِ ايم ايف هجي يا نه هجي پاڪستان جو ڏيوالو نه ٿيندو، سمورا شرط پورا ڪري ڇڏيا آهن. آءِ ايم ايف جي شرطن موجب معاهدي لاءِ قدم کنيا. آءِ ايم ايف سان اسٽاف ليول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اسپيڪر راجا پرويز اشرف سان نيشنل اسيمبلي لبنان جو ميمبر ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ گرمي جي شدت ۾ واڌ ٿي وئي ۽ شهر ۾ پارو 40 ڊگري تائين وڃي پهتو

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ گرمي جي شدت ۾ واڌ ٿي وئي ۽ شهر ۾ پارو 40 ڊگري تائين وڃي پهتو. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ ايندڙ 3 ڏينهن موسم گرم رهندي. جمعي تي گرمي پد 36 کان 38 ۽ ڇنڇر تي 35 کان 37 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي. جڏهن ته شهر ۾ اولهه ۽ ڏکڻ اولهه کان هوائون گهلي سگهن ٿيون. موسميات کاتي موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

سنڌ جي مڪاني قانون ۾ اهم ترميم، مرتضيٰ وهاب جو ميئر بڻجڻ لاءِ رستو صاف

سنڌ اسيمبلي جو هنگامي اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين لاءِ اهم ترميم منظور ڪئي وئي

مڪاني قانون ۾ ترميم جي ايوان ۾ پي پي ۽ ايم ڪيو ايم به حمايت ڪئي، تحريڪ انصاف جا ميمبر موجود نه هئا

ڪراچي (م د) سنڌ اسيمبلي مڪاني ايڪٽ ۾ اهم ترمير ڪري ڇڏي. جنهن لاءِ ميئر، ڊپٽي ميئر، چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ڪنهن به شخص کي بڻائي سگهجي ٿو. جنهن کي 6 مهينن اندر چونڊ وڙهڻي پوندي. سنڌ اسيمبلي جو هنگامي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آغا سراج دراني سان جارجيا جي ايوان جي ميمبر فاروق مغل جي قيادت ۾ وفد جي ملاقات

سمير شمسي، آمريڪا پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم جو چيئرمين ذيشان الطاف شريڪ ٿيا

يونيورسٽين ۾ سنڌ جي شاگردن جي داخلا ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سنڌ جي وقتي گورنر جارجيا جي ايوان صدر جي ميمبر کي موهن جو دڙو جي دوري جي دعوت ڏئي ڇڏي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وقتي گورنر آغا سراج دراني سان آمريڪي رياست جارجيا جي ايوان جي ميمبر فاروق مغل هڪ وفد سميت گورنر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ترڪي سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 45 سيڪڙو واڌ ڪري ڇڏي

پگهارن ۾ اها واڌ جون کان شروع ٿيندڙ 6 مهينن لاءِ هوندي

ترڪ صدر تقريبن 7 لک سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 45 سيڪڙو تائين واڌ جو اعلان ڪيو

انقرا (م د) ترڪي ۾ چونڊن کان اڳ سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 45 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. ترڪي ۾ عام چونڊون 14 تي ٿيڻيون آهن ترڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي جا مخالف آهيون: بلاول ڀٽو

اصولي طور ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي جي حق ۾ نه آهيون. حالتن کي ڏسي فيصلا ڪيا ويندا آهن

جيڪڏهن اهڙو ڪو به فيصلو ٿيو ته اهو مجبوري سبب ڪيو ويندو. جيڪا دهشتگردي ڪالهه ڪئي وئي ڪا به پارٽي ائين ڪري ها ته ڪيس نتيجن کي منهن ڏيڻو پوي ها

پي ٽي آءِ جيڪڏهن سياسي پارٽي رهڻ چاهي ها ته پرامن احتجاج جو سڏ ڏئي ها. سياستدان گرفتار ٿيندا آهن ته ان سان سياست جو نقصان ٿيندو

اسان ڪڏهن به خوشي ناهيون ملهائيندا نه ئي وري مٺايون ورهائيندا آهيون، پ پ شروع کان ئي نيب جي خلاف آهي پر پي ٽي آءِ نيب جو دفاع ڪيو.

چارٽر آف ڊيموڪريسي ۾ 2008 کان 2013 تائين نيب کي بند ڪرڻ شامل هو. عمران خان نيب کي بچائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي

پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڇا اها سياسي پارٽي طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿي يا رياست خلاف هٿياربند ويڙهه ڪرڻ گهري ٿي

ڪراچي (رپورٽر) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي جا مخالف آهيون. تحريڪ انصاف پرتشدد احتجاج ختم ڪرڻ اعلان ڪري ڪيسن کي منهن ڏئي، پابندي آخري آپشن طور موجود آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو ته اصولي طور ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي جي حق ۾ نه آهيون. حالتن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پرڏيهي وزير ۽ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

انٽرنيٽ جي بندش: لاهور هاءِ ڪورٽ حڪومت ۽ پي ٽي اي سميت ٻين ڌرين کان جواب طلب ڪري ورتو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب ۾ انٽرنيٽ سروس بند ڪرڻ خلاف درخواست تي وفاقي حڪومت ۽ پي ٽي اي سميت ٻين ڌرين کان جواب طلب ڪري ورتو لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پنجاب ۾ انٽرنيٽ سروس بند ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ٿي. درخواستگذار سلمان ابوذر نيازي عدالت آڏو پيش ٿيندي پنهنجي موقف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

گرفتاري کي هڪ ڏينهن به ناهي گذريو سپريم ڪورٽ ڇٽي ڇڏيو عمران خان کي گهرايو: شرجيل ميمڻ

سمورن واقعن جو ذميوار عمران خان آهي، هر ايف آءِ آر ۾ عمران خان کي شامل ڪيو وڃي

سپريم ڪورٽ چيو آهي ته عمران خان کي هڪ ڪلاڪ ۾ پيش ڪيو وڃي، عمران خان هن وقت جوڊيشل ريمانڊ تي آهي

ڇا اڄ تائين ريمانڊ دوران ڪنهن کي گهرايو ويو آهي؟ هي ڇا ٿي رهيو آهي؟

جيڪڏهن عمران خان جي گرفتاري جائز ۽ قانوني آهي ته ان جو ريمانڊ نه پورو ٿيڻ ڏيو اهي سمورين شين فڪر جوڳيون آهن

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته عمران کي گرفتار ٿيندي هڪ ڏينهن به ناهي گذريو ته سپريم ڪورٽ ڇٽي ڇڏيو ته ان کي گهرايو. اسان به عدالتن مان گرفتار ٿياسين پر اسان جي لاءِ ته ڪنهن به نه چيو. پنهنجي هڪ بيان ۾ شرجيل ميمڻ چيو آهي ته سمورن واقعن جو ذميوار عمران خان آهي، هر ايف آءِ آر ۾ عمران خان کي شامل ڪيو وڃي. سپريم ڪورٽ چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

ڪراچي: سنڌ سوچنا واري صوبائي وزير شرجيل ميمڻ (فائيل فوٽو)

سپريم ڪورٽ طرفان عمران خان جي گرفتاري غير قانوني قرار ڏيڻ تي جمائما جو ردعمل

لنڊن (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاري بابت سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمران خان جي اڳوڻي زال جمائما گولڊ سمٿ جو ردعمل سامهون اچي ويو. پنهنجي ٽوئيٽر اڪائونٽ تان سپريم ڪورٽ طرفان عمران خان جي ڊرامائي گرفتاري کي غير قانوني قرار ڏيڻ جي حڪم بابت برطانوي نشرياتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سرڪاري ۽ فوجي عمارتن کي پهچندڙ نقصان جي مذمت ڪريان ٿو: صدر عارف علوي

مون سياسي ۽ عسڪري قيادت کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

احتجاج هر پاڪستاني جو آئيني حق آهي پر احتجاج هميشه قانون جي دائري ۾ رهي ڪرڻ گهرجي

اڳوڻي وزيراعظم جي گرفتاري کان پوءِ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي نتيجي انساني حياتين جي نقصان تي ڏک پهتو آهي

اسلام آباد (م د) صدر عارف علوي چيو آهي ته مون سياسي ۽ عسڪري قيادت کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ صدر عارف علوي چيو ته انساني حياتين جو نقصان ڏکوئيندڙ آهي، احتجاج هر پاڪستاني جو آئيني حق آهي پر احتجاج هميشه قانون جي دائري ۾ رهي ڪرڻ گهرجي. صدر چيو ته ڪجهه شرپسندن سرڪاري ملڪيتن کي نقصان پهچايو سرڪاري ۽ فوجي عمارت کي پهچندڙ نقصان جي مذمت ڪريان ٿو عارف علوي وڌيڪ چيو ته جبر ۽ گرفتارين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پي ٽي آءِ اڳواڻن کي پناهه ڏيڻ تي گلگت بلتستان جو وڏو وزير اسلام آباد ۾ نظربند

گهربل اڳواڻن کي جي بي هائوس ۾ پناهه ڏيڻ تي گلگت بلتستان جي وڏي وزير جي ڪردار جو جائزو ورتو پيو وڃي: ذريعا

گلگت بلتستان جي وڏي وزير جو اهم عهدو هجڻ سبب سندس خلاف سخت ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي

وڏو وزير جيڪڏهن سرڪاري ذميوارين لاءِ گلگت بلتستان وڃڻ چاهيندو ته ان تي به گهرو وزارت غور ڪندي

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف اڳواڻن کي پناهه ڏيڻ جي ڏوهه ۾ گلگت بلتستان جي وڏي وزير خالد خورشيد کي اسلام آباد ۾ نظربند ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گلگت بلتستان جو وڏو وزير خالد خورشيد (فائيل فوٽو)

عمران خان کي سندس گهرواري بشريٰ بي بي سان فون تي ڳالهائڻ جي اجازت ملي وئي

احتساب عدالت جي جج محمد بشير القادر ٽرسٽ ڪيس جو لکت ۾ حڪم نامو جاري ڪيو

ڊاڪٽر فيصل کي ميڊيڪل ٽيم جو حصو بنجڻ جو حڪم ڏنو ويو

اسلام آباد (م د) نيب وٽ گرفتار تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي سندس گهرواري بشريٰ بي بي سان فون تي ڳالهائڻ جي اجازت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ملڪ جي اهم ترين ۽ حساس ملڪيتن تي حملن جو سڀ کان وڏو ذميوار چيف جسٽس آهي: مريم نواز

جيڪو فتني جي ڍال بڻيل آهي ۽ ملڪ ۾ ٻريل باهه تي تيل هاري رهيو آهي

توهان چيف جسٽس جو عهدو ڇڏي ڏيو ۽ پنهنجي سَس جيان تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪيو

توهان چيف جسٽس جو عهدو ڇڏي ڏيو ۽ پنهنجي سَس جيان تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪيو

لاهور (م د) ن ليگ جي سينئر نائب صدر مريم نواز پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي آزادي تي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس عمر عطا بنديال کي پي ٽي آءِ جوائن ڪرڻ جي صلاح ڏئي ڇڏي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ مريم نواز چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اسلام آباد: وفاقي وزير شازيه مري تقريب دوران ويٺل آهي

چين خلاف مضبوط اتحاد جون تياريون، مودي جون ۾ آمريڪا جو سرڪاري دورو ڪندو

واشنگٽن (م د) وائيٽ هائوس اربع ڏينهن اعلان ڪيو ته آمريڪي صدر جو بائيڊن جون ۾ سرڪاري دوري تي ايندڙ هندستان جي وزيراعظم نريندر مودي جي ميزباني ڪندو. پرڏيهي خبررساں اداري موجب ان دوري جو اعلان ان وقت ڪيو ويو آهي جڏهن واشنگٽن نئين دهلي سان گڏ بيجنگ خلاف هڪ مضبوط اتحاد جو خواهشمند آهي. رائيٽ هائوس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اسد عمر شاهه محمود قريشي ۽ فواد چوڌري اڊيالا جيل منتقل

پوليس پي ٽي آءِ جي ٽنهي اڳواڻن کي امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ تي گرفتار ڪيو

فواد چوڌري کي سپريم ڪورٽ جي احاطي مان ئي گرفتار ڪيو ويو

لاهور (م د) پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻن کي اڊيالا جيل منتقل ڪري ڇڏيو ذريعن موجب پوليس پي ٽي آءِ جي گرفتار 3 اڳواڻن شاهه محمود قريشي، اسد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان ملاقات ڪري رهيو آهي

عمران خان گرفتاري: تعليمي ادارا، پيٽرول پمپ، انٽرنيٽ سروس ٽئين ڏينهن به بند

لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ رستن کي عام ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو

مال روڊ، ڌرمپوره انڊر پاس تائين ڪنال روڊ هڪ طرف کان مڪمل طور تي بند

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ اڳواڻ عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ ملڪ جي مختلف شهرن ۾ تعليمي ادارا، پيٽرول پمپ ۽ انٽرنيٽ سروس ٽئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪراچي واسين تي هڪ ڀيو بجلي بم ڪيرايو ويو

واهپيدارن لاءِ بجلي 3 رپيا 93 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري

نيپرا في يونٽ 3 رپيا 93 پئسا بجلي مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني

اسلام آباد (م د) لوڊشيڊنگ ۽ گرمي جي ستايل ڪراچي واسين تي هڪ ڀيو بجلي بم ڪيرايو ويو آهي. ڪراچي جي عوام لاءِ هڪ ٻي بُري خبر آهي ته نيپرا کي اليڪٽرڪ واهپيدارن لاءِ بجلي 3 رپيا 93 پئسا في يونٽ مهانگي ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

لاهور: تحريڪ انصاف جي مچريل ڪارڪنن طرفان ساڙيل پوليس جي گاڏي ۽ جوڙيڪ

مظاهرا ۽ ڀڃ ڊاهه ڪيس: پي ٽي آءِ ڪارڪنن جي ضمانت منظور

پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل هو

عدالت سنڌن 5_5 هزار جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتو

ڪراچي (م د) مليرجي عدالت ۾ پي ٽي آءِ جي 25 ڪارڪنن جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهيپي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف شاهه لطيف ٽائون ٿاڻي تي ڪيس داخل هو. ڪيس ۾ ڀڃ ڊاهه، روڊ بلاڪ ڪرڻ ۽ ٻين ڏوهن جا ڪلمر شامل آهن شاهه لطيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

خيبرپختونخواهه ۾ پرتشدد مظاهرن دوران 7 ڄڻا مارجي ويا، 100 کان وڌيڪ زخمي

مظاهرن دوران پشاور ۾ 4، ڪوهاٽ ۾ 2 ۽ دير ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو جڏهن ته ٻن ڏينهن جي مظاهرن دوران گڏيل طور تي 104 ڄڻا زخمي ٿي پيا

مختلف علائقن مان پرتشدد مظاهرن ۾ ملوث 296 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي

پشاور (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري خلاف خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ جي احتجاجي مظاهرن دوران 7 ڄڻا مارجي ويا جڏهن ته 104 زخمي ٿي پيا. پوليس اختيارين موجب مظاهرن دوران پشاور ۾ 4، ڪوهاٽ ۾ 2 ۽ دير ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

حالتون نه سڌريون ته ايمرجنسي به لڳي سگهي ٿي: خواجا آصف

عدالتون حڪم ڏينديون آهن خواهش جو اظهار ناهن ڪنديون

شهباز شريف آشيانه ڪيس ۾ پيشي لاءِ ويو ته ڪيس گرفتار ڪيو ويو

عمران خان پنڌ ڪري ويو عوام ڏٺو ڪيس وهيل چيئر جي ضرورت محسوس نه ٿي

اسلام آباد (م د) بچاءُ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته موجودا صورتحال مان نڪرڻ جو حل هڪ ٻه ڏينهن تي ڇوندون آهن. حالتن نه سڌريون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: بچاءُ وارو وزير خواجا آصف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سمورين ڌرين کي تشدد کان پاسو ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي: ترجمان

نيويارڪ (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ پاڪستان جي صورتحال تي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي ترجمان جو بيان سامهون آيو آهي. رپورٽن موجب گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوٽريس اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سعودي عرب کي ايران جو دشمن قرار ڏيڻ قبول ناهي: ايراني صدر

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي ته سعودي عرب کي ايران جو دشمن يا ايران کي سعودي عرب جو دشمن چوڻ ناقابل قبول آهي سيرين نيوز ايجنسي کي ڏنل انٽرويو ۾ ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو ته ايران ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمران خان جي گرفتاري بدنيتي تي ٻڌل آهي: بريڊ شرمين

سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي

سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي ڪانگريس ميمبر بريڊ شرمين اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري کي ڪرپشن تي ٻڌل قرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ پاڻي جي قدرتي وهڪرن جي بحالي لاءِ قدم کنيا وڃن: ڪمشنر نوابشاهه

هيٺاهين وارن علائقن مان برساتي ۽ ٻوڏ جو پاڻي نيڪال ڪرڻ لاءِ نوان سر نالا ٺاهڻ جي ضرورت آهي

عملدار اسڪيمون جوڙي ته جيئن ضلع جي عوام کي مستقبل ۾ ڪنهن وڏي تباهي کان بچائي سگهجي

ڊپٽي ڊائريڪٽر سيپڪو منصور احمد، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

نوشهروفيروز (رپورٽر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن محمد عباس بلوچ چيو آهي ته ضلع نوشهروفيروز مان برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ پاڻي جي قدرتي وهڪرن کي بحال ڪرڻ سان گڏوگڏ هيٺاهين وارن علائقن مان برساتي ۽ ٻوڏ جو پاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ڪمشنر محمد عباس بلوچ اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪاپي ڪلچر جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي، شاگرد محنت ڪري اڳتي اچن: ڊي اي او سانگهڙ

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هلندڙ ساليانی امتحاني سينٽرن جو جائزو ورتو، امتحاني سينٽرن تي بجلي بند

شيڊول حيسڪو اختيارين کي موڪليل آهي، ان جي باوجود لوڊشيڊنگ جو عمل سمجھ کان ٻاهر آهي

سيڪنڊري آفيسر محمد آچر ٻاگراڻي، تعلقه ٽنڊوآدم جو علي پاڻو سينئر استاد منير ڪپري ۽ ٻيا موجود هئا

شهدادپور (رپورٽر) ڪاپي ڪلچر جو خاتمو اسان جي اولين ترجيح آهي، شاگرد محنت ڪري منزل ماڻين لياقت چانڊيو ڊي اي او (DEO) سيڪنڊري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

شهدادپور: ڊي اي او سانگهڙ امتحاني سينٽرن جو دورو ڪندي

دادو ٽاڻو بي سيڪشن جي حد ايڪسائيز آفيس لڳ محلي جو رهواسي گولي لڳڻ سبب زخمي

دادو (رپورٽر) دادو ٽاڻو بي سيڪشن جي حد ايڪسائيز آفيس لڳ محلي جي رهواسي 25 سالا پورهيت اياز ولد اڪرم جهراڻ کي مبينه سيني ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

دادو ۾ سماجي تنظيم هينڊز پاران ٻوڏ متاثر علائقن ۾ گهرن ٺاهڻ وارو عمل جاري ڪري ڇڏيو

ڳوٺ هاشم رستماڻي ۾ گهر تعمير جي افتتاحي تقريب ۾ فهيم احمد، محمد قذافي ۽ ٻين شرڪت ڪئي

اهڙي تباهي کي صرف حڪومت ۽ مقامي ماڻهو اڪيلي سرمنهن نٿا ڏئي سگهن: فهيم احمد، محمد قذافي

2300 خاندانن کي 25 هزار گهر جي مالي مدد، گهرن جي لاءِ هائيجن ڪٽ ۽ سيشن ۽ آگاهي ڏني ويندي

دادو (رپورٽر) دادو ۾ سماجي تنظيم هينڊز پاران ٻوڏ متاثر علائقن ۾ گهرن ٺاهڻ وارو عمل جاري ڪري ڇڏيو. هينڊز دادو پاران ڳوٺ هاشم رستماڻي ۾ گهر تعمير جي افتتاحي تقريب ۾ فهيم احمد، محمد قذافي، عثمان ناتح، جاويد بلوچ، ولي محمد پٽي، الهه بچايو سمون ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڊسٽرڪٽ ايگريڪلچر مئنيجر هينڊز دادو ڊاڪٽر عبدالعزيز ٻهر چيو ته گذريل سال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دادو: سماجي تنظيم هينڊز پاران ڳوٺ هاشم رستماڻي ۾ گهر تعمير جي افتتاحي تقريب جو ڏيک

ميروخان ويجهو ٻن پورهيتن جي ڪکاون گهرن کي باهه، گهرن ۾ پيل سامان سڙي ويو

ميروخان (رپورٽر) ميروخان ويجهو ٻن پورهيتن جي ڪکاون گهرن کي باهه، گهرن ۾ پيل سامان، اناج ۽ رقم سڙي وئي، باهه لڳڻ سبب گهر سڙي ويا آهن سرڪار ۽ سرندي وارا مدد ڪن. باهه متاثر، ساڳي ڳوٺ ۾ اڳ ۾ به باهه سبب ٽن پورهيتن جا سڙي ويا ته مدد ڪئي هئي هاڻي به سار لهندا سين، ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ. خبر موجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ميرپورخاص ۾ ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب زبون حال اسڪول جي عمارت جو نوٽيس

سيڪريٽري سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ڪراچي کي طلب ڪيو وڃي: هدايتون

تباهه ٿيل اسڪولن جي تعمير جو ڪم شروع ڪرائڻ ته جيئن برساتن دوران تباهه ٿيندڙ اسڪولن ۾ نقصان نه ٿئي

ميرپورخاص (رپورٽر) ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب ميرپورخاص ذوالفقار علي جڙيجو سوشل ميڊيا تي زبون حال اسڪول جي عمارت جي وڊيو وائرل ٿيڻ تي فوري نوٽيس وٺندي صوبائي محتسب اعلي سنڌ کي لکت ۾ درخواست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

ايم پي اي سردار احمد چانڊيو، ايم پي اي برهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا

اڳوڻو ايس ايچ او ڪريم چانڊيو، مرتضيٰ، سڪندر، علي گوهر، ذوالفقار چانڊيو پيش

دادو (رپورٽر) امر رباب چانڊيو جي ٽن گهرياتين ڏاڏي، والد، چاچي جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ماڊل ڪرمنل ٽرائيل ڪورٽ جي جج حافظ عطاءُ الله شيخ جي عدالت ۾ ٿي، امر رباب چانڊيو فريادي پرويز چانڊيو عدالت پهتا، الزام هيٺ آيل ب پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو، ايم پي اي برهان خان چانڊيو عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن ته گرفتار جوابدار اڳوڻو ايس ايچ او ڪريم چانڊيو، مرتضيٰ، سڪندر، علي گوهر، ذوالفقار چانڊيو ۽ ٻين کي جيل پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: امر رباب چانڊيو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي

شهدادڪوٽ ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو شهر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات خلاف احتجاج

سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن ضلعي صدر امداد سومرو، رشيد مگسي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

ڪارڪن ڪارا ڪٽي ٻڌي ڏينهن ٻه ڪوٺو موڙ چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي

نوجوان منشيات جي ورچڙهي ويا آهن پر پوليس انهن کان منٿلي ۽ ڀتو اڳاڙڻ ۾ مصروف آهي: امداد سومرو

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ ۾ ايس ٽي پي ڪارڪنن جو شهر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي اڏن خلاف ٻڌي ڏينهن ٻه احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ڪارڪنن ضلعي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪراچي کي الڳ تصور ڪندڙ سنڌ دشمن آهن ڪراچي سنڌ جي شهه رڳ آهي: ساجاهه وند

ڪراچي جو عوام لساني سوچ کي رد ڪري چڪو آهي، هاڻ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو: محبوب عباسي

رهواسي نعيم رحمان ۽ مقبول صديقي واري لساني سياست کي ڪراچي واسي رد ڪري چڪا آهن

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) سياسي اڳواڻن، اديبن، دانشورن چيو آهي ته ڪراچي کي الڳ تصور ڪندڙ سنڌ دشمن آهن ڪراچي سنڌ جي شهه رڳ آهي جنهن کي ڪير ڪٽي نه ٿو سگهي ڪراچي جو عوام لساني سوچ کي رد ڪري چڪو آهي، هاڻ گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو، ڊجيٽل آدمشماري فراڊ آدمشماري بڻجي چڪي آهي جنهن ۾ غيرملڪين کي به شامل ڪيو ويو جي ٽرتي ڏٽي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ووٽ داخل ڪرائين اهڙن خيالن جو ڪراچي سوشل فورم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

چيئرمين محبوب عباسي جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

بدين ۾ موٽر سائيڪل چوري بعد سٽي انچارج جي بروقت ڪاروائي، موٽرسائيڪل برآمد

موٽرت سائيڪل چوري بعد عبدالرسول ولد خميسو پنهاڻ جي فرياد تي ايف آئي آر داخل ٿي

اوشال ولد نور محمد ڪوسو ڪان سيراڻي روڊ سنڌس دڪان تان ڦر ڪندڙ جوابدار به گرفتار ٿي ويا

بدين (ڊ) بدين ۾ رات دير سان خميسو پنهاڻ جي موٽر سائيڪل جي چوري جي بروقت ڪاروائي ڪندي چاپو هڻي وسيم ملاح ۽ اشفاق لوهار کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽي ۾ گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن گريوا پاران احتجاجي مظاهرو

سيد نواز علي شاهه، گل محمد جهرڪ، غلام حسين گابر، عبداللطيف پٽي پاران ريلي

ٺن صوبن جي ملازمن کي مراعتون ڏنيون ٿيون وڃن اهي اسان کي ڏنيون وڃن: محمد اقبال جوکيو

ٺٽو (رپورٽر) گورنمينٽ رٽائرڊ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن گريوا سنڌ ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن صدر محمد اقبال جوکيو، جنرل سيڪريٽري سيد نواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهمپير جي ڄوڙ مڪان ست پاڳي هڪ جي ڪوهستاني ڳوٺ جي رهواسڻ پاران احتجاج

علائقي جي مقامي بااثر گهنور خان جاکرو سندن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي: آمي زال رمضان

مڙس رمضان جاکرو زمين مان جهنگ ڪٽڻ ويو ته ان جو اسانکي زمين مان لاش مليو هو: ڳالهيون

ٺٽو (ڊ) يوسي جهمپير جي ڄوڙ مڪان ست پاڳي هڪ جي ڪوهستاني ڳوٺ وڏيرو علو جاکرو جي رهواسڻ بيواهه آمي زال مرحوم رمضان جاکرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽو: ڳوٺ وڏيرو علو جاکرو جي رهواسڻ بااثرن خلاف احتجاج ڪندي

دادو ۾ 66 پي ٽي آئي جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن تي سرڪاري ملڪيت ۾ ڪيس داخل

عاشق زئونر، اسد ملاح، نظير ملاح، منصور پنهور مخدومي، ظهير چانڊيو ۽ ٻيا نامزد ڪيا ويا

عمران خان جي بلاجواز گرفتاري خلاف احتجاج ۽ نعري بازي ڪرڻ تي ڪيس داخل ڪيو ويو

دادو (رپورٽر) پي ٽي آئي ضلع دادو جي عهديدارن عاشق زئونر، اسد ملاح، نظير ملاح، منصور پنهور مخدومي، ظهير چانڊيو، لائق زئونر، عبدالخالق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڊيارو پرسان ڪنڊڙي ۾ ٻن گهرن کي باهه لڳي وئي، لکن جو نقصان

عابد جوڳي ۽ اربيلو جوڳي جي ڪکاون گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

موٽر سائيڪليون بيٽريون 5 ٻڪريون ۽ ٻيون پيل سموررو سامان سڙي رک ٿي ويو

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو پرسان ڪنڊڙي ۾ عابد جوڳي ۽ اربيلو جوڳي جي ڪکاون گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي ان ٽل سڙي رک ٿي ويو لکين روپين جو نقصان متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل سرندي وارن کان مالي مدد جي اپيل عابد جوڳي سخت زخمي باهه لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل موٽرسائيڪليون بيٽريون 5 ٻڪريون ۽ ٻيون پيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس جي ڪاروائي، 2 منشيات ڊيلر ڊانسن سميت گرفتار

مخفي اطلاع تي دوران گشت ڊانسن تي چاپو هڻي وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد ڪئي

جميل وڙائچ ۽ امان الله پٺاڻ کي گرفتاري ڪري مٿن منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس جي ڪاروائي 2 منشيات ڊيلر ڊانسن سميت گرفتار وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد ڪيس داخل ڪيو ويو، ايس ايچ او بي سيڪشن ذوالفقار ٻاهي مخفي اطلاع تي دوران گشت ڊانسن تي چاپو هڻي وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد ڪري ٻن منشيات ڊيلرن جميل وڙائچ ۽ امان الله پٺاڻ کي گرفتاري ڪري مٿن منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو پوليس موجب گرفتار منشيات ڊيلر لکين روپين جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊوآدم بي سيڪشن پوليس هٿان گرفتار ٿيل منشيات جا ڊيلر منشيات سميت گرفتار

سنڌ جي قادرالڪلام صوفي شاعر حضرت سردار سيد احمد شاهه لکياري جو عرس

19 مئي کان 22 مئي تائين نيوسعيدآباد ۾ عقيدت احترام سان ملهايو پيو وڃي

لطيفي روح رهاڻ، محفل سماع، ملاکڙو ٿيندو 20 مئي تي ادبي ڪانفرنس ٿيندي

مٽياري (رپورٽر) سنڌ جي قادرالڪلام صوفي شاعر حضرت سردار سيد احمد شاهه لکياري جو 25 هون ساليانو عرس مبارڪ 19 مئي کان 22 مئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

گهارو ۾ ايس ايچ او ۽ انچارج پوليس پوسٽ گجو پاران ٽرڪ تي چاپو، منشيات هٿ

ممتاز علي بروهي، سب انسپيڪٽر امداد علي پنهور ٽرڪ مان 482 ڪلو ڪاٿو هٿ ڪيو

پوليس جوابدارن شهريار ولد شفيق تنولي ۽ اصغر ولد قاسم چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو

ٺٽو (رپورٽر) ايس ايچ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي، سب انسپيڪٽر امداد علي پنهور ۽ انچارج پوليس پوسٽ گجو سب انسپيڪٽر راجا حامد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ٽنڊوآدم ۾ پرياسي مختلف واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 13 ڄڻا زخمي

منظور حسين، ثاقب، مسمات بسم، ممتاز، اعجاز، ڪميش، مظهر علي زخمي

عبدالوحيد، مسمات الهبچائي ۽ محمد رمضان کي ڌار ڌار چٽن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوآدم (رپورٽر) ٽنڊوآدم ۽ پرياسي مختلف واقعن ۾ ٻن عورتن سميت 13 ڄڻا زخمي رپورٽ موجب، ٽنڊوآدم ۽ پرياسي موٽرسائيڪلن جي ٽڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڪڻڪ کوٽ کي پورو ڪيو وڃي، زخيره اندوزي ڪندڙن جي گودام سيل ڪيا وڃن: ڪمشنر ميرپورخاص

ڪڻڪ جي کوٽ پيدا نه ٿئي ۽ عوام کي سستو اٽو مهيا ڪري زخيره اندوزي جو خاتمو آڻي سگهجي

گهربل ڪڻڪ جي ضرورت کي پورو ڪيو وڃي ۽ ڪڻڪ کي شهر کان ٻاهر وڃڻ کان روڪيو وڃي: شفيق مهيسر

اجلاس ۾ ايڊيشنل ڪمشنرون ڊاڪٽر علي نواز پوٽ، ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا

ميرپورخاص (رپورٽر) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص شفيق احمد مهيسر تمام لاڳاپيل آفيسرن کي سختي سان هدايت ڪندي چيو آهي ته ڪڻڪ جي کوٽ کي پورو ڪيو وڃي، زخيره اندوزي ڪندڙن جي گودامن تي ڇاپا هڻي گودامن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ميرپورخاص: ڪمشنر شفيق احمد مهيسر جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

دادو ٽريزري ملازمن ۽ استادن ۾ جهيڙي واري ڪيس جي ٻڌڻي، 3 استادن جي ضمانت منظور

فورٿ ايڊيشنل سيشن جج ڪيس ۾ نامزد پرديپ ڪمار، سهيل رضا ۽ عمران ڪورائي جي ضمانت منظور

ڪيس دادو خزاني آفيس جي آڊيٽر شاهنواز راهپوٽو جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو هيو

خزاني آفيس جي عملي اسان مٿان گوليون هلائي اسان کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: پرديپ ڪمار جون ڳالهيون

دادو (رپورٽر) دادو ٽريزري ملازمن ۽ استادن ۾ جهيڙي معاملي واري ڪيس جي ٻڌڻي دادو فورٿ ايڊيشنل سيشن جج جي عدالت ۾ ٿي گذري، دادو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

دادو: استادن جو وڪيل ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڏوڪري ۾ لاڙڪاڻي بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين جماعت امتحان جاري، عملدارن پاران دورا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ لاڙڪاڻي بورڊ پاران نائين ۽ ڏهين جماعت امتحان جاري آهن. ان ڏس ۾ گذريل ڏينهن ڏهين درجي جي شاگردن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڪرياڙي اسٽاپ لڳ قبرستان مسمار ڪرڻ خلاف احتجاج

تاريخي قبرستان مسمار ڪرڻ جي ڪوشش جاري، 20 کان وڌيڪ قبرن ٽريڪٽر هلايو ويو

حيدر شاهه محمد ايوب رند علي غلام ڪپري پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي احتجاج ڪيو

هڪ بااثر پاران سڄي قبرستان کي مسمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: ميڊيا سان ڳالهيون

ٽنڊومحمدخان (رپورٽر) بلڙي شاهه ڪريم پرسان ڪرياڙي اسٽاپ لڳ تاريخي قبرستان مسمار ڪرڻ جي ڪوشش جاري 20 کان وڌيڪ قبرن مٿان ٽريڪٽر هلائي ڪيڙي ڪري قبرون ڊاهيون ويون آهن قبرن جي بيحرمتي ٿيڻ ۽ قبرستان کي مسمار ڪرڻ خلاف ڳوٺاڻا پريس ڪلب بلڙي شاهه ڪريم پهچي ويا ڳوٺاڻن سيد سجاد حيدر شاهه محمد ايوب رند علي غلام ڪپري پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ٽنڊومحمدخان: ڪرياڙي اسٽاپ لڳ قبرستان مسمار ڪرڻ خلاف رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪاليج گهوٽڪي ۾ "هنر سپ جي لاءِ" تقريب منعقد

گهوٽڪي (رپورٽر) انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪاليج گهوٽڪي ۾ وزيراعظم پاڪستان جي خصوصي پروگرام "هنر سپ جي لاءِ" بيچ چار لاءِ شاگردياڻين کان انٽرويو وٺڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ بيوٽيشن ڪورس لاءِ 70 شاگردياڻين کان انٽرويو ورتا ويا، هن تقريب جي انچارج حافظ علي اڪبر اعوان ميڊيا سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نيشنل پريس ڪلب دريا خان مري جي صدر جو پاءُ وفات ڪري ويو

نوشهروفيروز جو ڊسپينسر ڊاڪٽر الله بخش پلهه رضا الاهي سان وفات ڪري ويو

عبدالحفيظ پلهه عبدالواسع عبدالراشد عبدالباسط عبدالماجد علي گوهر پلهه سان تعزيت

دريا خان مري (رپورٽر) نيشنل پريس ڪلب دريا خان مري جي صدر حافظ عبدالحفيظ پلهه جو پاءُ ضلعي ڪائونسل نوشهروفيروز جو ڊسپينسر ڊاڪٽر حاجي الله بخش پلهه رضا الاهي سان وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي جي نماز ڳوٺ ميرانپور ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ويمن والي بال جون 34 هين نيشنل گيمز ٽريننگ ڪيمپ منعقد

پاڪستان ۾ ٽيلينٽ جي ڪا به کوٽ نه آهي، موقعا ملڻ تي ملڪ جو نوجوان پاڻ مڃائي ٿو: آصف احمد شيخ

لاهور ڪاليج فار ويمن يونيورسٽي، ۽ ڪراچي يونيورسٽي سميت مختلف وومين والي بال ٽيمن حصو وٺي رهيا آهن

سکر (رپورٽر) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ويمن والي بال جون 34 هين نيشنل گيمز ٽريننگ ڪيمپ منعقد، پاڪستان ۾ ٽيلينٽ جي ڪا به کوٽ نه آهي، موقعا ملڻ تي ملڪ جو نوجوان پاڻ مڃائي ٿو: پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ، وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر (پ ر): هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران 34 هين نيشنل گيمز جي وومين والي بال ٽيمن جي 34 هين نيشنل گيمز ٽريننگ ڪيمپ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ جاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر: آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ ويمن والي بال جون نيشنل گيمز ٽريننگ ڪيمپ منعقد ڪئي وئي

دادو ۾ نون استادن تي ٿيل قاتلاڻي حملي، پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف ڏوڪري ۾ احتجاج

علي رضا جلباڻي، زاهد حسين ڪلهوڙو، نياز حسين خاصخيلي، سارنگ علي پاران ريلي

غلام علي سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ويو

استادن جون بند پيل پگهارون ۽ آءِ ڊيز نه کولڻ استادن جو معاشي قتل عام ڪرڻ آهي: علي رضا جلباڻي

ڏوڪري (رپورٽر) دادو ۾ نون استادن تي ٿيل قاتلاڻي حملي، پگهارون جاري نه ٿيڻ خلاف ڏوڪري ۾ استادن جو احتجاجي مظاهرو ڏوڪري ۾ علي رضا جلباڻي، زاهد حسين ڪلهوڙو، نياز حسين خاصخيلي، سارنگ علي، صداقت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊوڄام ۾ 10 هين ڪلاس جي پيپر دوران ايڪسٽرنل پاران انتظامن جو جائزو

ايڪسٽرنل ۽ انٽرنل جو امتحاني سينٽر جو خارجي ۽ اندروني دورو ڪري جائزو ورتو

هاءِ اسڪول نمبر 2 ۾ ڏهين ڪلاس جي پيپر جو امتحان پرامن طريقي سان جاري آهي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) ٽنڊوڄام ۾ 10 هين ڪلاس جي پيپر دوران ايڪسٽرنل ۽ انٽرنل جو امتحاني سينٽر جو خارجي ۽ اندروني دورو ڪري سمورن انتظامن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايڪسٽرنل اشرف پنهور ۽ انٽرنل نحيم الدين چنا چيو ته ٽنڊوڄام جي گورنمينٽ هاءِ اسڪول نمبر 2 ۾ ڏهين ڪلاس جي پيپر جو امتحان پرامن طريقي سان جاري آهي. هن چيو ته امتحاني سينٽر ۾ ڪنهن به قسم جي غيرضروري ماڻهن جي داخلائي پابندي لڳائي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊوڄام: 10 هين ڪلاس جي پيپر دوران ايڪسٽرنل پاران امتحاني سينٽر جو دورو ڪندي

لکين ٽن ڪوئلو معدنيات ڏيندڙ يوسي جهمپير جا رهواسي روڊ کان محروم بڻيل

ملڪ کي 1200 سئو ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري ڏيندڙ تروڙي ۾ معدنيات ڏيندڙ علائقو محروم

جاتاپل گاڏين جي هلڻ لائق به ناهي رهيو، گاڏين کي نقصان پهچڻ به روز جو معمول بڻجي ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر) ملڪ کي 1200 سئو ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري ڏيندڙ تروڙي لکين ٽن ڪوئلو معدنيات ڏيندڙ يوسي جهمپير جا رهواسي جديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏڙو لڳ ڳوٺ لاڪا ۾ پوليس جو سڄاول ضلع جي تاريخ ۾ منشيات خلاف ڪامياب ڇاپو

ڪروڙين روپين جي ماليت جي سوپاري ۽ گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ مٽيريل هٿ، 3 ڌار ڌار ڪيس داخل

ايس ايچ او ڏڙو جي اڳواڻي ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس جو ڳوٺاڻي ولي محمد خاصخيلي جي گهر تي ڇاپو هنيو

ڏڙو (رپورٽر) ڏڙو لڳ ڳوٺ لاڪا ۾ پوليس جو سڄاول ضلع جي تاريخ ۾ منشيات خلاف ڪامياب ڇاپو، ڪروڙين روپين جي ماليت جي سوپاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

شهدادڪوٽ ۾ فوڊ ۽ روينيو کاتي جي عملدارن جي ڪاروائي، سيلرن تي ڇاپا، هزارين مڻ ڪڻڪ هٿ

فوڊ ۽ روينيو عملدارن جي گڏيل ڪاروائي مختلف سيلرن تي ڇاپا هڻي هزارين مڻ ڪڻڪ هٿ ڪئي

هن ونت تائين 9 لک 80 هزار کان وڌيڪ ڪڻڪ جون ٻوريون گڏ ڪئي آهي: ڪنٽرولر الطاف مگسي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ فوڊ ۽ روينيو کاتي جي عملدارن جي گڏيل ڪاروائي، سيلرن تي ڇاپا هزارين مڻ ڪڻڪ هٿ ڪرڻ جي دعوا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪراچي جي شهباز ڳوٺ ۾ گهر جي پلاٽن تي قبضي خلاف مسيحي برادري پاران احتجاج

يونس مسيح، صادق پهلوان، سلمي مسيح، ڪشور مسيح ۽ احتجاج ڪندي نوٽيس جي گهر

عاشق ٺهير پنهنجي سائين سان گڏجي منهنجي پلاٽن تي زبردستي قبضو ڪيو آهي: مظاهرين

ڪراچي (رپورٽر) شهباز ڳوٺ ۾ گهر جي پلاٽن تي قبضي خلاف مسيحي برادري پاران يونس مسيح، صادق پهلوان، سلمي مسيح، ڪشور مسيح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 12 مئي 2023 ع

جمهوري ۽ قانوني رستو ئي ملڪي مفاد ۾ آهي

تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان جي گرفتاريءَ کان پوءِ پارٽي قيادت سڄي ملڪ ۾ ڪارڪنن کي احتجاج ڪرڻ جو سڏ ڏنو جنهن ڪانپوءِ مختلف شهرن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن جو احتجاج شروع ٿي ويو. پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف شهرن ۾ ڪارڪنن احتجاج ڪندي روڊ بند ڪري ڇڏيا جنهن سبب عوام سخت تڪليفن کي منهن ڏنو.

پي ٽي آءِ ڪارڪن راولپنڊي ۾ پاڪ آرمي جي هيڊ ڪوارٽر جي ايچ ڪيو جي گيٽ نمبر هڪ تي پهچي احتجاج ڪيس هڪ وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته مجريل ماڻهو گيٽ نمبر هڪ ٻاهران ڀڃ ڊاهه ڪري رهيا آهن ۽ زبردستي در ڪولي اندر داخل ٿي رهيا هئا. مجريل ماڻهو مري روڊ تي واقع حمزا ڪيمپ ٻاهران موجود سيڪيورٽي چوڪي کي باهه ڏني. لاهور ۾ به احتجاجي مظاهرا ڪيا ويا جتي لاهور ڪينٽ ۾ ڪور ڪمانڊر هائوس ٻاهران احتجاج ڪيو ويو. مظاهرو ڪندڙن گاڏين کي باهه ڏئي ڇڏي ۽ لاهور ڪينٽ ۾ موجود پوليس وينن کي به باهه ڏئي ڇڏي. لاهور ڪينٽ ۾ ڪور ڪمانڊر هائوس ٻاهران وڏي انگ ۾ گڏ ٿيل مظاهرو ڪندڙن ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ گهڙي ڀڃ ڊاهه ۽ ڦرلٽ ڪئي، فرنيچر کي باهه ڏني وئي. بي بي سي موجب مظاهرو ڪندڙن اتي موجود گاڏين کي باهه ڏئي ڇڏي.

هوڏانهن پشاور ۾ خيبر روڊ تي ريڊ زون ڏانهن مظاهرو ڪندڙن وڃڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس ڳوڙها آڻيندڙ شيل فائر ڪيا ۽ رنڌڪون وڌيون. مظاهرو ڪندڙن خيبر روڊ تي چوڪ ويجهو ريڊيو پاڪستان جي عمارت ۾ چاغي جبل جي ماڊل کي باهه ڏئي ڇڏي. مظاهرو ڪندڙن ايف سي هيڊ ڪوارٽر آڏو ادارن خلاف نعريبازي ڪئي ۽ ريڊ زون ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا ۽ هڪ فوجي گاڏي تي پٿراءُ ڪيو. مجريل ماڻهن کي روڪڻ لاءِ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جا شيل فائر ڪيا ويا ۽ بيريڪسڊس ٽاهيا. ملڪ جي محافظن تي پٿراءُ جي اهڙي وڊيو سوشل ميڊيا تي سامهون آئي آهي.

ڪراچي ۾ شاهراهه فيصل تي عمران خان جي گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي مجريل ماڻهن روڊ بند ڪري ڇڏيو ڀڃ ڊاهه ڪئي پوليس جي گاڏين، نجي گاڏين، ملڪيت، رينجرز چوڪي کي باهه ڏني، پيپلز بس ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي. هوڏانهن اسلام آباد پوليس چيو آهي ته عمران خان جي گرفتاري خلاف پي ٽي آءِ احتجاج دوران 5 اهلڪار زخمي ٿيا پيا، جڏهن ته 43 مظاهرو ڪندڙن کي گرفتار ڪيو ويو.

ڪالهه کان شروع ٿيل پرتشدد احتجاجي مظاهرا اڄ به جاري رهيا جنهن ۾ بي بي سي موجب اٺ ماڻهو مرڻ جي تصديق ٿي چڪي آهي. جڏهن ته ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا آهن جن ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪن ۽ پوليس اهلڪار شامل آهن. پشاور جي ليڊ ريڊنگ اسپتال جي ترجمان موجب اڄ چار لاش ۽ 27 زخمي اسپتال آندا ويا. جڏهن ته اڄ صبح لاهور ۾ هڪ شورو مان لاش مليو جنهن کي احتجاج ڪندڙن ٿي باهه ڏئي ساڙيو هو اهڙي طرح ڪالهه شام تائين مظاهرن جي پرتشدد واقعن ۾ 3 ماڻهو قتل ٿيا هئا جيڪي ڪوئيٽا، گوجرانوالا ۽ چڪدره مان رپورٽ ٿيا هئا.

ملڪ ۾ ڪنهن سياسي اڳواڻ جي گرفتاري جو هي عمل ڪو پهريون ڀيرو ناهي ان کان اڳ نيب ڪيسن ۾ سياسي اڳواڻ گرفتار ٿيندا رهيا آهن. پيپلز پارٽي جو اڳواڻ آصف علي زرداري، فريال ٽالپر، خورشيد شاهه، نوازليگ جو اڳواڻ ميان محمد نواز شريف، مريم نواز، شهباز شريف شامل آهن. پي ٽي آءِ سربراهه عمران خان جي گرفتاري ٿيڻ ڪانپوءِ جهڙي طرح ردعمل آيو اهو پرتشدد ۽ وڳوڙي شڪل اختيار ڪري ويو آهي. ملڪ جي اهڙي صورتحال ڪانپوءِ پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ راڄڌاني ۾ فوجي طلب ڪئي وئي آهي. جيئن امن امان جي صورتحال تي ضابطو آڻي سگهجي.

90 جي ڏهاڪي کان اڳ 58 (2) بي لاڳو هو ۽ آمريت جو رستو کليل رهيو پر هاڻي انهن مان سياسي پارٽيون اڳتي وڌيون آهن 2008 ع ڪانپوءِ هڪ سياسي پارٽيءَ پارليامينٽ ۾ پنج سال پورا ڪيا. جنهن ڪانپوءِ 2013 ع جو پارليامينٽ جو دور شروع ٿيو جيڪو 2018 ع تائين جاري رهيو هن وقت به پارليامينٽ موجود آهي جنهن جو سفر جاري آهي ۽ هن سال ان جو مدو پورو ٿيندو. عوام ايندڙ چونڊن ۾ ووٽ ذريعي سياسي قيادت چونڊ اڳيان آڻيندو. ووٽ ذريعي ئي احتساب جو عمل سياسي پارٽين لاءِ سبق آهي. جذباتي نعرا ۽ وڳوڙي احتجاج سياسي عمل کي ڪمزور ڪندا. سياسي پارٽين کي ادارن سان ٽڪراءُ کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ادارن کي پنهنجي حدن کان نه ٽپڻ گهرجي.

پي ٽي آءِ سربراهه جي گرفتاري ڪانپوءِ ملڪ ۾ جيڪو سياسي بحران سامهون آيو آهي ان ملڪ جي عام شهرين تي اڻونڊر اثر ڇڏيا آهن جيڪي پرتشدد احتجاج جي صورت ۾ سامهون آيا آهن. حڪومت ۽ سياسي ڌرين پنهنجا اختلاف حل ڪرڻ لاءِ پارليامينٽ جهڙا جمهوري فورم ۽ ڳالهين وارا عمل جاري رکي حل ڪرڻ گهرجن.

عمران خان جي گرفتاري ۽ ملڪي حالتون !!!

رحمت الله پرڙو

عمران خان جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ وار صورتحال وقتي طور تي وڏي دٻاءُ واري حڪومت کي محسوس ٿيندي پر جيڪا ملڪي سياسي ۽ عوامي معاشي صورتحال آهي ته گهڻو ڪونه هلي سگهندي. خبرون آيون آهن ته عدالت ۾ ضمانتن خاطر آيل تحريڪ انصاف جو چيئرمين حڪومت پاران گرفتار ٿي چڪو آهي ۽ سندس گرفتاريءَ جو سبب القادر ٽرسٽ ڪيس ٻڌايو وڃي ٿو جنهن ۾ نيب هن جا وارنٽ ڪٽي عدالت پهتي ۽ هن جي گرفتاري وارنٽن جي بنياد تي گرفتاري پڻ ڪئي وئي آهي. تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گرفتاريءَ خلاف پوري ملڪ ۾ سندس پارٽي ورڪرز ۽ اڳواڻن پاران جلائو گهيراءُ ڪري احتجاج پڻ ڪيا ويا آهن .احتجاجين جي شدت ايتري شديد هئي جو هنن رياستي سلامتي واري اداري جي زميوارن جي آفيسن ۽ گهرن جو گهيراءُ ڪيو آهي ۽ پوري ملڪ جي ۽ خاص طور پنجاب کي پي ڪي ۾ عوامي ملڪيتن کي به وڏو نقصان پهچايو آهي. انهيءَ پس منظر ۾ جڏهن اسان پنهنجي ملڪ جي سياسي صورتحال تي نظر ڦيرائينداسين ته جيڏانهن ڪيڏانهن افراتفري ،ڀرڙڪ.هڻ مار ،وٺ وٺ وٺان لڳي پئي آهي. سپ کان پهريان ته ملڪ جي معاشي صورتحال ظاهري طور انتهائي معاشي طور وينٽيليٽر تي جڻ ته بيٺل آهي.!! جنهن جا چرچا فقط حڪمران حلقن ۽ سندن سياسي مخالف حلقن وٽ ئي نه پر عوامي توڙي پرڏيهي ميڊيا جي خبرن جي زينت بڻيل آهن. ان سلسلي ۾ عالمي پس منظر رکندڙ پاڪستان دوست ملڪ به پاڪستان سان همدردي رکندي پاڪستان سان معاشي سهڪار سميت ڪجه اهڙا ڪاروباري سلسلا وڌائي رهيا آهن جنهن جي بنياد تي پاڪستان پنهنجي معاشي صورتحال کي بحال ڪندي پاڻ پرو ٿي اچي.ان سلسلي ۾ انهن جو چوڻ آهي ته معاشي ترقي يا ملڪي معاشي مسئلن جي حل لاءِ سپ کان پهريان ملڪ ۾ سياسي استحڪام ضروري آهي جنهن لاءِ هو سفارتي پس منظر ۾ به ۽ پاڙيسري اتحادي ملڪ طور به اسان کي مشورا ڏئي رهيا آهن.انڪري اسان جي سياسي حلقن کي گهرجي ته هنن حالتن ۾ سياسي استحڪام لاءِ گڏجي ڪم ڪن ته جيئن ملڪ ۽ عوام جا معاشي مسئلا فوري حل ڪري سگهجن! گذريل هڪ وڏي عرصي کان ڪانپوءِ ملڪ جي معاشي سڌارن لاءِ حڪمران حلقا ۽ ملڪي سلامتي وارا حلقا ادارتي طور هڪ وڏي غور وفڪر بعد هن خطي ۾ پاڙيسري عالمي اقتصادي پس منظر رکندڙ ملڪن چين . رشيا ۽ پاڙيسري اتحادي ملڪن سان پنهنجي ملڪي معاشي صورتحال کي بهتري طرف آڻڻ خاطر ڪوشان آهن ان سلسلي ۾ اسلام آباد ۾ پاڪ. چين ۽ افغان پرڏيهي وزيرن جي ته ٽري ڪانفرنس ٿي آهي جنهن ۾ به خاص طور چين جنهن جو پس منظر عالمي اقتصادي طاقت جو تعارف رکندڙ نمائيندو پرڏيهي وزير پاڪستان جي حڪمران حلقن ۽ چيف آف آرمي سان ملاقات ڪندي هن ملڪ ۾ سياسي استحڪام لاءِ چيو ته ملڪ جي معاشي صورتحال جي بهتري لاءِ سياسي استحڪام هجڻ ضروري آهي.چين پاڪستان ۾ اچي جيڪي معاشي راهداريون اختيار ڪرڻ چاهي ٿو ان لاءِ پاڙسري ملڪن جو هڪ ٻئي سان اتحاد يا الحاق ضروري سمجهي ٿو جنهن ڪري هن هن خطي سپ کان پهريان امن وامان تي برقرار رکڻ تي زور ڀريندي سفارتي بنيادن تي ايران سعودي،پاڪستان افغانستان سفارتي ۽ پاڻيچاري وارن تعلقات کي بهتر ڪرڻ تي زور ڏيندي پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي جڏهن ته چين ۽ رشيا پنهنجي اقتصادي راهدارين جي بنياد تي پاڪستان سان هم آهنگي برقرار رکي پاڻ کي اقتصادي ۽ عالمي پس منظر ۾ سامهون ڪٿي اچي رهيو آهي ان بنياد تي گذريل ڏهن سالن کان پاڪستان ۾ سياسي انارڪي تي جيڪو ڪجه ڪم ٿيو آهي ۽ ٿي رهيو آهي ۾ ٻاهرين مداخلت کي رد نٿو ڪري سگهجي . ان سموري پاڪستان جي ڏکيهي ۽ بهتر سفر ۾ رڪاوٽن وجهڻ جو سبب ملڪ ۾ سياسي انارڪي کي هٿ ڏياري وئي آهي جنهن ۾ ڏيهي سياسي حلقا استعمال ٿي رهيا آهن ۽ پرڏيهي هٿ ۽ ملڪ دشمن هٿ ملوث ٿي پاڪستان جي ملڪي سياسي ۽ اقتصادي ترقي ڏسڻ نٿا چاهين جنهن سان هنن جو ته ڪو ظاهري فائدو آهي الاڻي ڪونه پر هو پاڪستان جي ترقي ڏسڻ ۾ نٿا چاهين ۽ ان صورتحال ۾ جيڪا اسپيس چائنا ۽ رشيا کي ملي رهي آهي سا به هنن لاءِ اڪ جو ڪنڊو ثابت ٿئي ٿي.هن وقت عمران خان جي گرفتاري ڪانپوءِ واري ملڪي سياسي صورتحال بگڙجندڙ امن وامان واري خراب صورتحال ۽ خصوصي طور تي ملڪي رياستي سلامتيءَ واري اداري تي حملا ڪرڻ کان ويندي عوامي ملڪيتن جو نقصان ڪرڻ ڪنهن سياسي فهم واري سياسي قيادت نٿي ڪرائي سگهي ۽ نه ئي سياسي ڪارڪن يا سياسي فهم اهو ڪٽو عمل نٿو ڪري سگهي .!! خود گرفتار اڳوڻي وزير اعظم عمران خان جي دور ۾ ميان نواز شريف .شهباز شريف .مريم نواز.آصف علي خان زرداري .اڳوڻي صدر آصف علي زرداري جي ڀيڻ ادي فريال ٽالپر ۽ سيد خورشيد شاهه جن جون گرفتاريون ٿيون هيون پر اهڙي ڪا به هڙا هوڙي ۽ بدامني قائم ڪرڻ واري صورتحال ڪونه ٿي اسٽائين جو هو پنهنجو سياسي تعارف تمام رکڻ باوجود به نه ڪري سگهيو جو هنن وٽ هڪ وڏو سياسي بيڪ گرائونڊ ۽ سياسي فهم پڻ رکن پيون. اسان سمجهون ٿا ته ملڪ جون معاشي ۽ سياسي حالتون انهن حرڪتن ۽ ملڪي رياستي سلامتي وارن ادارن تي حملي جون متحمل نٿيون ٿي سگهن.ان ڪري خصوصن ملڪ جي قومي ملڪيتن ۽ عوامي ملڪيتن تي حملا ڪري سياسي طور تعارف رکندڙ پي ٽي آءِ جا اڳواڻ ۽ ڪارڪن ملڪ ۾ سياسي انارڪي پيدا ڪندي ملڪ جي ادارن ۽ ملڪي سياسي ۽ معاشي رستن ۾ خبر ناهي ڪنهن ٻاهرين قوتن جي چوڻ تي حرڪتون ڪري رهيا آهن سي نه ڪرڻ کپن اسان جي حڪمران حلقن ۽ رياستي سلامتي جي ادارن کي به کپي ته ملڪ دشمن قوتن ۽ سياست جي نالي تي ملڪ ۾ سياسي طور انارڪي پيدا ڪندڙن قوتن ۽ شخصيتن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪرڻ کپي ۽ سياسي قيادتن کي کپي ته ملڪ جي هنن ڏکين حالتن ۾ ملڪ ۾ سياسي استحڪام لاءِ ڪمڪن ۽ ملڪ جي سياس معاشي حالتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ حالتن پٽاندڙ جنهن کي روح العصر فيصلا ڪرڻ کپن ته جيئن ملڪي توڙي بين الاقوامي پس منظر ۾ ملڪ کي ڏکين حالتن مان ڪڍي ترقيءَ طرف ڪٽي اچجي.ملڪ جي موجوده آيل رپورٽن موجب هن وقت تائين پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ امن وامان ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ فوج کي طلب ڪيو ويو آهي ۽ هوڏانهن پشاور ۾ ريڊيو پاڪستان جي آفيس جو گهيراءُ ڪري ٽوڙ ڦوڙ ڪرڻ جا پڻ اطلاع سامهون اچي رهيا آهن.هاڻي هن سموري ڪشيدگيءَ واري صورتحال ۾ تحريڪ انصاف جي قيادت ۽ ڪارڪنن کي هوش ۽ سياسي سمجهداري کان ڪم وٺندي ملڪ ۾ انارڪي کي ڪنٽرول ڪرائڻو پوندو جي نه ته هيءَ صورتحال سياسي حلقن ۽ ملڪي رياستي ادارن لاءِ ڪا چڱي ڪونه هوندي. ان ڪري اسان ملڪ جي سيني همدرد حلقن ۽ حڪمرانن کي گوش گذار آهيون ته ملڪ جي هنن حالتن ۾ ڪا گڏيل ڪانفرنس فوري طور سڏائي ملڪي حالتن ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ کپي.هوڏانهن ملڪي سياسي حلقن جي ويجهو رهندڙ ذريعن جو چوڻ آهي ته ملڪ جي هنن حالتن ۾ نمبرهڪ اسيمبلين جو 6 مهينا مدو وڌائي سگهڻ جا پرڙا آهن. وڌيڪ جي حالتون بگڙيون ته ڪا به نگران قومي حڪومت جنهن جو مدو گهٽ ۾ گهٽ 2 سال هجي تي پڻ غور ٿي رهيو آهي. ملڪ جي پاليسي ميڪرز پاران بگڙجندڙ سياسي ۽ ملڪي حالات تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ غور طلب اجلاس ٿي رهڻ جا اطلاع آهن جن وٽ ايمرجنسي ۽ ايمرجنسي جي مقابلي ۾ مختلف آپشنن تي سوچ ويچار ڪيو پيو وڃي.

اجا تَنُوران. ڪالهه ڪيڍائون سڄڻين:
پڻ تاپائون تڪڙو، وحدت جي وِڏان:
محبتين مٿان. مڄ مُورائين نه لهي!

القادر ٽرسٽ ڪيس ۾ عمران خان جي گرفتاري ۽ ملڪي املاڪ جو نقصان

اعجاز ممنائي

اسانجي سياست ازل کان وٺي انتقامي ڪاروائيءَ واري رهي آهي انهيءَ ڪاروائيءَ تحت اول انڊيا پاڪستان جا به حصا ٿيا اڳتي هلي بنگلاديش پاڪستان کان ڌار ٿي ويو ۽ چئن صوبن تي مشتمل ملڪ باقي رهيو جنهن جي جمهوريت جي دعويدارن جي ڪرتاهين ۽ جهيڙن سبب جمهوري ملڪ ۾ جمهوريت کان وڌيڪ مارشل لا لاڳو رهي آهي چوڻ هرڪو پنهنجي ذاتي مفاد تحت ملڪ تي حڪمراني ڪري عوام کي قرض، مهانگائي ۽ مصيبتن جي ڏيهن ۾ ڦاسايو ويو آهي نه رڳو ايترو پر وڏي عرصي کان عوام تي حڪمراني ڪندڙ ٻن وڏين پارٽين پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ نواز شريف بار بار نه رڳو اقتدار جو مزو ماڻيو آهي پر هڪٻئي خلاف انتقامي ڪاروائين جا وڏا وڏا وار ڪيا آهن 1988ع ۾ محترمه بينظير ڀٽو کي وزيراعظم بڻائي نواز شريف ۽ سندس ٽولي سازشون ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٻن سالن ۾ سندس حڪومت ڪيرائي نواز شريف وزيراعظم بڻجي ويو ساڳي ريت وري چند سالن بعد بينظير ڀٽو ساڳي ڪرسي ورتي پر ورني به ساڳي سازش رهي ۽ وقت کان اڳ سندس حڪومت ڊهي وئي ۽ وري نواز شريف اقتدار ماڻيو آئين بنهي وچ ۾ ميثاق جمهوريت جا معاهدا به ٿيا پر ڏليون صاف نه هجڻ سبب انتقامي ڪاروائيون ٿينديون رهيون ۽ بينظير ڀٽو جو ور آصف علي زرداري جيل جي سلاخن ۾ بند رهيو بينظير ڀٽو جو ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽو جو ڀاءُ مارجي ويو ۽ اڳتي هلي خود بينظير ڀٽو به مارجي ويئي ۽ آصف علي زرداري ملڪ جون واڳون سنڀالي مفاهمت جي بادشاهه طور پاڻ مڃرايو ۽ عمران خان پاڪستان تحريڪ انصاف جي نالي سان ٽين وڏي پارٽي اپري آئي ۽ ملڪ ۾ جلسا جلوڊ ڌرڻا هڻي سيني سياستدانن کي چور چور چئي ملڪي ناٽولٽيندڙن جو احتساب ڪري عوام کي سکيو رکڻ جو نعرو هڻي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ عوام جي حقن لاءِ ڪم ڪرڻ بجاءِ مخالف ڌر جي سياستدانن خلاف محاذ آرائي اختيار ڪري سندن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ شروع ڪيا ايتري تائين جو نواز شريف کي ٻهرئين جيل ۾ رکي بعد ۾ جلاوطن ڪري ڇڏيائين جڏهن ته پيپلز پارٽي جي سمورن سياستدانن تي ٽوان ٽوان من گهڙت ڪيس داخل ڪري ڪين پريشان ڪندو رهيو ۽ وقت کان اڳ اقتدار وڃائي ويٺو ۽ شهباز شريف ۽ آصف زرداري ٽوڙي مولانا فضل رحمان گڏجي حڪمراني ڪرڻ لڳا ۽ عمران خلاف انتقامي ڪاروائين جو نئون باب شروع ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ مٿس ڪيس داخل ٿيندا رهيا ۽ گرفتار ڪرڻ لاءِ بار بار سندس رهائش بني گالا تي پوليس چڙهايون ٿينديون رهيون پر ڪارڪنن جي رڪاوٽ تي پاڻ گرفتار نه ٿي سگهيو نيٺ القادر ٽرسٽ جي ڪيس ۾ ڪيس ڪورٽ جي احاطي مان رينجرز جي مدد سان گرفتار ڪيو ويو

بحريه ٽائون جي ملڪ رياض لڳ ڀڳ 50 ارب رپين جي رقم پاڪستان مان غير قانوني طور برطانيه منتقل ڪئي، جيڪا برطانيه جي ڪرائيم ايجنسي ٽريس ڪري ورتي. ملڪ رياض تي 140 ملين پائونڊز جو ڏنڊ وڌو. جيڪا رقم پاڪستان موڪلي وئي پر اها رقم ڪراچي جي بحريه ٽائون ڪيس ۾ ڏنڊ طور سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي وئي. 2 ڊسمبر 2019 ع تي عمران خان جي وفاقي ڪابينا ان جي منظوري ڏني ۽ فنڊز حڪومت پاڪستان جي اڪائونٽ ۾ جمع ٿيڻ بدران سپريم ڪورٽ جي نيشنل بينڪ جي اڪائونٽ ۾ جمع ڪرايا ويا. 26 ڊسمبر 2019 ع تي عمران خان القادر يونيورسٽي ٽرسٽ قائم ڪيو. ملڪ رياض جنهن جو ڊونر بڻيو ٽرسٽ ڊيڊ موجب بحريه ٽائون سوهاوه ۾ لڳ ڀڳ 60 ايڪڙ زمين خريد ڪري ان کي عمران خان جي ويجهي دوست ذلفي بخاري جي نالي ٽرانسفر ڪيو. ڪاغذن ۾ زمين جي ڪٽ 93 ڪروڙ رپيا لڳائي وئي جڏهن ته اصل ماليت ان کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هئي. 22 جنوري 2021 ع تي ذلفي بخاري اها زمين ٽرسٽ جي نالي منتقل ڪئي. 24 مارچ 2021 ع تي ان زمين جي ڊونيشن جو معاهدو بني گالا ۾ بحريه ٽائون ۽ بشريٰ بيبي وچ ۾ ڪيو ويو. معاهدي موجب القادر يونيورسٽي جي قيام کان ويندي سمورا خرچ بحريه ٽائون ادا ڪندو ۽ ڊونيشن به جاري رکندو. جنوري کان ڊسمبر 2021 ع تائين ٽرسٽ کي 180 ملين رپيا ڊونيشن ملي. ٻهرين مئي 2023 تي نيب ان ڪيس ۾ عمران خان جا وارنٽ جاري ڪيا. خان پيش نه ٿيو ۽ اڄ ڪيس گرفتار ڪيو ويو هڪ ٻئي دوست وري ان ڪهاڻيءَ کي هن ريت بيان ڪيو ته برطانيه جي نيشنل ڪرائم ايجنسي (اين سي اي) پاڪستان کان برطانيا ۾ 190 ملين پائونڊ جي مني لانڊرنگ ٽرانزيڪشن جو هڪ وڏو معاملو پڪڙي ورتو آهي. جيڪو بحريا ٽائون جي مالڪ ملڪ رياض طرفان لندن موڪليو ويو هو. اسڪاٽ لينڊ يارڊ ڪيس جي 2 سالن تائين جاچ ڪئي ۽ ملڪ رياض وغيره کي 2 سالن جو وقت ڏنو ته هوان 190 ملين پائونڊ تي پاڪستان ۾ ادا ڪيل ٽيڪس ۽ آمدني جا ذريعا پاڪستان حڪومت کي ظاهر ڪري. جيڪو ملڪ رياض نه ڪري سگهيو ۽ آخرڪار برطانوي عدالت حڪم ڏنو ته هي 190 ملين پائونڊ حڪومت پاڪستان کي ڏنا وڃن ۽ ضبط ڪيل رقم منتقل ڪئي وڃي جيئن ئي رقم پاڪستان پهتي ته وزيراعظم عمران خان ڪابينا جو اجلاس گهرايو جنهن ۾ ڪابينا فيصلو ڪيو ته اها رقم حڪومت بدران ملڪ رياض کي جاري ڪئي وڃي ته جيئن ملڪ رياض جي اداڪي 460 ارب روپيا مجموعي طور تي ادا ڪيو وڃي.

ان فيصلي کان به هفتا پوءِ هنگامي بنيادن تي القادر ٽرسٽ قائم ڪيو ويو. جنهن جا ٽرسٽ فرح گوگي، گلابي ڀيرني وغيره هئا. جن جو نالو ناهي) منتقل ڪيو ويو

ٻهرين ڳالهه ته عمران خان کي پاڪستان حڪومت جي ملڪيت جا 190 ملين پائونڊ ملڪ رياض کي ڏيڻ جو اختيار نه هو هڪ ٽرسٽ جي جاءِ آهي جيڪا تحفي ۾ ملي هئي پر اها زمين ٽرسٽ جي نالي نه پر انهن جي نالي منتقل ڪئي وئي. ذاتي نالا نيب عمران خان. فرح گوگي ۽ پنڪي پيرني کي 5 ڀيرا جاچ لاءِ طلب ڪيو پر اهي پيش نه ٿيا ۽ آخرڪار عمران خان کي قادر ٽرسٽ ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو مطلب ته صرف هڪ ڪيس گرفتار ٿي چڪو آهي هاڻي ڇا ٿيندو؟ شهباز سرڪار ان معاملي ۾ ڪيترو ڪامياب ٿيندي چوته عمران خان پنهنجي پارٽي اڳواڻن کي جيڪي هدايتون جاري ڪيون آهن ان مان ملڪ دشمني ظاهر ٿئي ٿي.

بقايا 01 ***

ڏسي فيصلا ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن اهڙو ڪوبه فيصلو ٿيو ته اهو مجبوري سبب ڪيو ويندو جيڪا دهشتگردي ڪالهه ڪئي وئي ڪابه پارٽي ائين ڪري ها ته ڪيس نتيجن کي منهن ڏيڻو پوي ها. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جيڪڏهن سياسي پارٽي رهڻ چاهي ها ته پرامن احتجاج جو سڏ ڏئي ها. سياستدان گرفتار ٿيندا آهن ته ان سان سياست جو نقصان ٿيندو. اسان ڪڏهن به خوشي ناهيون ملهائيندا نه ئي وري مٺايون ورهائيندا آهيون. پ پ شروع کان ئي نيب جي خلاف آهي پر پي ٽي آءِ نيب جو دفاع ڪيو. چارٽر آف ڊيمو ڪريسي ۾ 2008 کان 2013 تائين نيب کي بند ڪرڻ شامل هو عمران خان نيب کي بچائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي. پرڏيهي وزير چيو ته پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڇا اها سياسي پارٽي طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿي يا رياست خلاف هٿياربند ويڙهه ڪرڻ گهري ٿي. جي ايڇ ڪيو تي طالبان کان پوءِ پي ٽي آءِ حملو ڪيو مون اڳ ئي چيو هو ته توهان پنجاب جو الطاف پيدا ڪري رهيا آهيو پي ٽي آءِ فيصلو ڪيو هو ته عمران خان جي گرفتاري تي سياسي احتجاج نه ڪيو ويندو. جيڪو ٿيو سو ٿي ويو تحريڪ انصاف هاڻي پرتشدد ڪاروايون ڇڏي ڪيسن کي منهن ڏئي.س

بقايا 02 ***

۾ چيو ته پيڪا ايڪٽ 2016 جي سيڪشن 37 جي تحت انٽرنيٽ تي پابندي نٿي لڳائي سگهجي. حڪومت غيرقانوني طور تي سروسز معطل ڪري ڇڏي آهي. حڪومت ڪنهن جي شڪايت تي لاڳاپيل مواد هٽائي سگهي ٿي، سروس معطل نٿي ڪري سگهي. سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته جهڙيون حالتون پيدا ٿيون اهڙيون اڳ ڪڏهن به نه ٿيون. افواهن کي روڪڻ جي لاءِ سروس بند ڪئي وئي. عدالت ريمارڪس ڏنا ته اوهان اڳ ئي سروس بند ڪري ڇڏي آهي. پي ٽي اي اهو حڪم سامهون آڻي جنهن تحت سروس بند ڪئي وئي. جنهن کان پوءِ عدالت وفاقي حڪومت ۽ پي ٽي اي سميت ٻين ڌرين کان جواب طلب ڪندي مدد جي لاءِ اٽارني جنرل کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 03 ***

ڦاڦلي ۾ سپريم ڪورٽ آندو ويو عمران خان کي عدالت جي ڪمري ۾ پهچائڻ کان پوءِ عدالت جي ڪمري کي بند ڪيو ويو عدالت طرفان حڪم ڏنو ويو آهي ته پاڪستان تحريڪ انصاف جو چيئرمين اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان سڀاڻي رابطو ڪري. اوهان کي عدالت سڀاڻي جو فيصلو هر صورت ۾ مڃڻو پوندو. عمران خان جي وڪيل حامد خان چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ جي لاءِ مهلت ڏني وڃي. حامد جي درخواست سپريم ڪورٽ طرفان رد ڪئي وئي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال چيو ته سڀاڻي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ فيصلي جي ٻڌڻي ڪندي جڏهن هڪ شخص عدالت ۾ پيش ٿئي ٿو ته ان جو مطلب اهو آهي ته هو پاڻ کي سرنڊر ڪري ٿو هاءِ ڪورٽ جو جيڪو فيصلو ايندو اهو سڀني کي مڃڻو پوندو.ان دوران جسٽس اطهر من الله ريمارڪس ڏيندي چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو جهڙا اڳواڻ ٻيهر نه ايندا ايترن وڏن اڳواڻن کي مارڻ کان پوءِ به حالتون ڪنٽرول ۾ رهيون. خان صاحب سياسي ماحول سياستدانن کي پيدا ڪرڻو آهي. سپريم ڪورٽ جي ڪري اوهان اڄ هتي بيٺل آهيو

بقايا 04 ***

عمران خان کي هڪ ڪلاڪ ۾ پيش ڪيو وڃي، عمران خان هن وقت جوڊيشل ريمانڊ تي آهي. صوبائي وزير چيو ته ڇا اڄ تائين ريمانڊ دوران ڪنهن کي گهرايو ويو آهي؟ هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ لاڏلي لاءِ ملڪ جي قانون ۽ آئين کي ٽوڙيو پيو وڃي. جيڪڏهن عمران خان جي گرفتاري جائز ۽ قانوني آهي ته ان جو ريمانڊ ته پورو ٿيڻ ڏيو اهي سمورين شين فڪر جوڳيون آهن.

بقايا 05 ***

ڪيو ويو جهڙو ڪنهن ڪرمنل سان به ناهي اختيار ٿيندو چيف جسٽس عمران خان سان مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو عدالت فيصلو اوهان کي قبول ڪرڻو پوندو چيف جسٽس چيو ته عدالت جي خواهش آهي ته عمران خان پرتشدد مظاهرن جي مذمت ڪري

بقايا 06 ***

اداري جي خبر جو اسڪرين شاٽ شيئر ڪيو پنهنجي ٽوئيٽ ۾ جمائمه گولڊ سمٿ لکيو ته آخرڪار سيائپ اچي وئي.

بقايا 07 ***

قرار ڏيندا سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته سنڌ ۾ وڳوڙ ڪندڙن مان ڪنهن کي به نه ڇڏينداسين؛وڏي وزير چيو ته پي ٽي آءِ کي اهو فيصلو ڪرڻو آهي ته اها ٽي ٽي پي ٿيڻ چاهيندي يا سياسي جماعت.اسيمبلي ۾ عمران خان جي گرفتاريءَ کانپوءِ پرتشدد مظاهرن خلاف مذمتي ٺهراءُ به پيش ڪيو ويو.صوبائي وزير سعيد غني چيو ته رياستي ادارن جي آفيسن تي حملا ڪيا ويا، سياسي ماڻهو گرفتاري دوران فائرنگ نه ڪندا آهن، عمران خان کي ملڪ تباهه ڪرڻ جو ٽاسڪ مليل آهي

بقايا 08 ***

وزيراعظم جي صدارت هيٺ ٿيندڙ جنهن ۾ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال جو جائزو ورتو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته قومي سلامتي ڪميٽي جي اجلاس ۾ وفاقي وزيرن سميت هٿياربند فوجن جا سربراهه شرڪت ڪندا.

بقايا 09 ***

ڪيو ويو آهي. علي محمد خان کي سپريم ڪورٽ ڏانهن ايندي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب سينيٽر اعجاز چوڌري کي گلگت بلتستان هائوس مان گرفتار ڪيو ويو سينيٽر اعجاز چوڌري کي به 3 ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو ياد رهي ته ان کان اڳ تحريڪ انصاف اڳواڻ شاهه محمود قريشي، فواد چوڌري ۽ اسد عمر کي به امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي خطري کي نظر ۾ رکندي گرفتار ڪيو ويو آهي. تنهي اڳواڻن کي اڊيالا جيل منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ***

بجاءِ معاملن جو سياسي حل ڳولهڻو پوندو. اڳوڻي وزيراعظم جي گرفتاري کان پوءِ پيدا ٿيندڙ صورتحال جي نتيجي انساني حياتين جي نقصان تي ڏک پهتو آهي. صدر وڌيڪ چيو ته اسان کي جبر ۽ گرفتارين جي بجاءِ ٻيهر سوچڻ گهرجي ۽ ان جو سياسي حل ڳولهڻ گهرجي. مون سياسي ۽ عسڪري قيادت کي پنهنجن خدشن کان آگاهه ڪيو آهي. اميد آهي ته حالتون بهتر ٿينديون. سمورن شهرين کي پرامن رهڻ جي اپيل ڪريان ٿو

بقايا 11 ***

عمر ۽ فواد چوڌري کي اڊيالا جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي. پوليس پي ٽي آءِ جي ٽنهي اڳواڻن کي گذريل ڏينهن امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ جي آڌار تي ايم پي او تحت گرفتار ڪيو هو اسد عمر کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ فواد چوڌري کي سپريم ڪورٽ جي احاطي مان جڏهن ته شاهه محمود قريشي کي جي بي هائوس مان گرفتار ڪيو ويو هو

بقايا 12 ***

وفاقي گادي واري شهر اسلام آباد ۾ گلگت بلتستان هائوس ۾ گرفتار ڪيو ويو ذريعن موجب شاهه محمود قريشي کي ٿري ايم پي او جي تحت گرفتار ڪيو ويو آهي.واضح رهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي گرفتاري ۽ عدالت مان سندس جسماني ريمانڊ منظور ٿيڻ کان پوءِ پي ٽي آءِ قيادت جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي. گذريل ڏينهن پنجاب جي اڳوڻي گورنر عمر سرفراز چيمه، پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر، فواد چوڌري ۽ علي زيدي سميت ٻين کي به گرفتار ڪيو ويو هو.ٻئي طرف اسلام آباد پوليس پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته منصوبه بندي تحت باهيون، گهيراءُ ۽ پرتشدد مظاهرا ڪندڙن خلاف امن امان جي صورتحال خراب ڪرڻ تحت گرفتاريون ڪيون پيون وڃن. اسلام آباد پوليس شاهه محمود قريشي، اسد عمر، فواد چوڌري، جمشيد اقبال چيمه، فلڪ ناز چترالي، مسرت جمشيد چيمه ۽ مليڪ بخاري کي به گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس موجب سمورين گرفتارين قانوني گهرجن کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ عمل ۾ آنديون ويون آهن جڏهن ته وڌيڪ گرفتارين جو به امڪان آهي

بقايا 13 ***

ويو آهي. رپورٽ موجب گلگت بلتستان جي وڏي وزير خالد خورشيد پي ٽي آءِ اڳواڻن کي گلگت بلتستان هائوس اسلام آباد ۾ پناهه ڏني هئي جنهن کان پوءِ ڪيس اڄ نظر بند ڪيو ويو آهي. گلگت بلتستان هائوس ٻاهران پوليس ۽ رينجرز جي نفري مقرر ڪئي وئي. ذريعن موجب گلگت بلتستان هائوس کي سب جيل قرار ڏنو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي، مليڪ بخاري، مسرت چيمه ۽ ٻين کي گلگت بلتستان هائوس اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو اهي سپ جي بي هائوس اسلام آباد ۾ لڪل هئا.ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته گهربل اڳواڻن کي جي بي هائوس ۾ پناهه ڏيڻ تي گلگت بلتستان جي وڏي وزير جي ڪردار جو جائزو ورتو پيو وڃي. گلگت بلتستان جي وڏي وزير جو اهم عهدو هجڻ سبب سندس خلاف سخت ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي پر هاڻ سندس سرگرمين تي نظر رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وڏو وزير جيڪڏهن سرڪاري ذميوارين لاءِ گلگت بلتستان وڃڻ چاهيندو ته ان تي نه گهرو وزارت غور ڪندي پر ڪيس اسلام آباد ۾ ڪنهن به قسم جي سياسي سرگرمي جي اجازت نه هوندي. پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چوڌري کي به گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 14 ***

ملي وئي. احتساب عدالت جي جج محمد بشير القادر ٽرسٽ ڪيس جو لکت ۾ حڪم ناموجاري ڪري ڇڏيو آهي. فيصلي ۾ عمران خان جي معالج ڊاڪٽر فيصل کي ميڊيڪل ٽيم جو حصو بنجڻ جو حڪم ڏنو ويو پي ٽي آءِ جي چيئرمين عمران خان کي گهر واري بشريٰ بي بي سان فون تي ڳالهائڻ ۽ سندس وڪيل کي ملاقات ڪرڻ جي به اجازت ڏني وئي آهي.

بقايا 15 ***

۽ سياسي بحران سبب انٽربئنڪ مارڪيٽ ۾ اڄ ڊالر کي پر لڳي ويا ۽ ڊالر جي قدر اڳوڻا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا. انٽر بئنڪ مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر 8.78 رپيا واڌ سان 299 رپين جو ٿي ويو جڏهن ته اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 3 رپيا واڌ سان 300 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 16 ***

معاهدي ۾ دير تي خيالن جو اظهار ڪندي اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان جي ڏيوالي بابت افواهه نه پکيڙيا وڃن. پاڪستان بابت ناانصافي تي ٻڌل عالمي سياست ختم ٿيڻ گهرجي. هن چيو ته هڪ عالمي ريٽنگ ايجنسي به امڪاني ڏيوالي بابت تبصرو ڪيو آهي، عالمي سطح تي ماڻهو حيران آهن ته پاڪستان مينيج ڪيئن ڪري رهيو آهي؟سندس چوڻ هو ته جون تائين 3.7 ارب ڊالر ادا ڪرڻا آهن. پاڪستان سمورا واعدا پورا ۽ وقت تي ادائيگيون ڪندو. آءِ ايم ايف معاهدي لاءِ وڌيڪ وقت چاهي ٿو وٺي.

بقايا 17 ***

ڏينهن به بند آهي جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏيئي رهيا آهن.لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ رستن کي عام ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو آهي. پوليس جي نفري روڊن تي موجود آهي پر رستا بند هجڻ سبب شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مال روڊ، ڌرمپوره انڊر پاس تائين ڪنال روڊ هڪ طرف کان مڪمل طور تي بند آهي. رستو بند هجڻ سبب ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي رهي آهي. ملتان ۾ به پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان مختلف روڊن تي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا جنهن سبب روڊ بند هجڻ سبب شهري سخت پريشان آهن جڏهن ته انٽرنيٽ سروس به معطل آهي.فيصل آباد ۾ تحريڪ جي پرتشدد مظاهرن جو سلسلو جاري آهي. گذريل رات شهر جا مختلف علائقا جنگ جو ميدان بڻيل رهڻ کان پوءِ هاڻ صورتحال بهتر ٿي وئي آهي. پرتشدد ڪارروائين تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 5 ڪيس داخل آهن 100 کان وڌيڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي.اسلام آباد جي ترنول ريلوي اسٽيشن تي به پي ٽي آءِ جي مظاهرين حملو ڪيو ڀڃ ڊاهه کان پوءِ عمارت کي باهه ڏني وئي. باهه لڳڻ سبب ريلوي اسٽيشن جو رڪارڊ، فرنيچر ۽ ٻيو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو ڪارڪنن اسلام آباد پوليس لائين ۾ به داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کان پوءِ پوليس طرفان شيلنگ ڪئي وئي، سري نگر هاءِ وي تي به پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ۽ پوليس آمهون سامهون ٿي ويا جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايڇ او سنگجاني ٽائو زخمي ٿي پيو ڪيس مٿي تي ڌڪ لڳا. مظاهرين رمنا ٿاڻي ٻاهران بيٺل هڪ بڪتربند گاڏي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو. مظاهرين سان ڇڪرين دوران پوليس ۽ ايف سي جا 28 جوان زخمي ٿي پيا.

بقايا 18 ***

ته چيف جسٽس صاحب کي اڄ قومي نائي کي 60 ارب رپيا هڙپ ڪندڙ وارداتي سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ ان کان وڌيڪ خوشي ڪيس ان ڳالهه ۾ آزاد ڪري ٿي.هن چيو ته ملڪ جي اهم ترين ۽ حساس ملڪيتن تي حملن جو سپ کان وڏو ذميوار چيف جسٽس آهي. جيڪو فتني جي ڍال بڻيل آهي ۽ ملڪ ۾ ٻريل باهه تي تيل هاري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته توهان چيف جسٽس جو عهدو ڇڏي ڏيو ۽ پنهنجي شس جيان تحريڪ انصاف ۾ شموليت اختيار ڪيو

بقايا 19 ***

جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ۽ ان حوالي سان نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب ڪي اليڪٽرڪ 4.49 رپيا في يونٽ واڌ جي درخواست ڪئي هئي پر نيپرا في يونٽ 3 رپيا 93 پئسا بجلي مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏني. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته بجلي جي قيمت ۾ واڌ مارچ جي ماهوار فيول چارجز ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ ڪئي وئي آهي ۽ اها واڌ مئي مهيني جي بلن ۾ لاڳو ٿيندي.

بقايا 20 ***

پنهنجي بيان ۾ چيو ته نريندر مودي جو سرڪاري دورو آمريڪا ۽ انڊيا وچ ۾ آزاد، ڪشادي، خوشحال ۽ محفوظ انڊو پئسفڪ خطي لاءِ گڏيل عزم کي هٿي ڏيندو. هندستاني وزيراعظم نريندر مودي کي اها دعوت انڊيا ۾ انساني حقن بابت وڌندڙ خدشن ۽ دنيا جي سپ کان وڏي آبادي واري ملڪ ۾ هندو قوم پرست قيادت ۾ جمهوري قدرن جي پڇڪڙين باوجود ڏني وئي آهي. آمريڪا ڏکڻي عرصي کان ايشيا ۾ چين خلاف ۽ انڊيا سان لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي جڏهن ته چين سان سرحدي چڪتاڻ ۾ قاتل انڊيا به آمريڪا سان لاڳاپا وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. جو بائيڊن جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ اهو مودي جو پهريون آمريڪي دورو هوندو. نئين دهلي ان دوري کي تاريخي قرار ڏيندي ان جي آجيان ڪئي آهي. هندستاني پرڏيهي وزارت ان دوري کي واشنگٽن سان سهڪار وڌائڻ ۽ ڪواڊ اتحاد کي هٿي ڏيڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ اهم موقعو قرار ڏنو آهي. وائيٽ هائوس پنهنجي بيان ۾ چيو ته مودي جو اهو دورو ٻنهي ملڪن وچ ۾ اسان جي اسٽريٽجڪ ٽيڪنالوجي پارٽنرشپ کي وڌائڻ جي گڏيل عزم کي مضبوط ڪندو جنهن ۾ دفاع. ماحول دوست توانائي ۽ خلائي شعبن ۾ سهڪار شامل آهي.ان ڪانسواءِ تعليم، موسمياتي تبديلي، ترقي ۽ صحت به ايجنڊا ۾ شامل آهي.مودي حڪومت تي سياسي مخالفن ۽ انساني حقن جي گروهن طرفان الزام لڳايو ويندو آهي هو تنقيد ڪندڙن کي نشانو بڻائڻ ۽ خاموش ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي.ان جي باوجود هو هڪ اهڙو اڳواڻ آهي جنهن جو اولهه گهڻو احترام ڪيو آهي. هو پيرس ۾ 14 جولاءِ تي باسٽل ڊي جي تقريبن ۾ به خاص مهمان هوندو.

بقايا 21 ***

سنڌ جي ڪجهه حصن ۾ موسم گرم ۽ خشڪ رهندي، صوبي جي وچين ۽ مٿين علائقن ۾ گرمي پد 44 ڊگري سينٽي گريڊ يا ان کان وڌي به سگهي ٿو.

بقايا 22 ***

اجلاس ٿيو جنهن ۾ ميئر ڊپٽي ميئر، چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين لاءِ اهم ترميم منظور ڪئي وئي ايوان ۾ تقرير ڪندي مڪاني ڪائونسل واري وزير ناصر شاهه چيو ته اها ترميم آئين موجب پيش ڪئي وئي آهي، جيئن مرڪز ۾ ڪوشخص وفاقي وزير بڻجي ويندو آهي ۽ 6 مهينن اندر چونڊيل ميمبر ٿيندو آهي، هيءَ اهڙي ئي قسم جي ترميم آهي. مڪاني قانون ۾ ترميم جي ايوان ۾ جي ڊي اي ۽ ايم ڪيو ايم به حمايت ڪئي، ايوان ۾ تحريڪ انصاف جا ميمبر موجود نه هئا. قائم مقام اسپيڪر ترميم کي گڏيل طور منظور ڪرڻ جو اعلان ڪيو ترميم ڪانپوءِ ڪراچي جي ميئر کي 6 مهينن اندر اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو پ پ ذريعن موجب ميئر لاءِ مرتضيٰ وهاب انتهائي مضبوط اميدوار آهي، جنهن جي مقرري جو اعلان بلاول ڀٽو زرداري ڪندو

بقايا 23 ***

جٿو مارجي ويو جڏهن ته ٻن ڏينهن جي مظاهرن دوران گڏيل طور تي 104 جٿا زخمي ٿي پيا. جن مان ايس پي او ايس ايڇ او ۽ رينڪ جي چئن آفيسرن ۽ اهلڪارن سميت 36 جٿا زخمي آهن پوليس اختيارين موجب مختلف علائقن مان پرتشدد مظاهرن ۾ ملوث 296 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته وفاقي ڪابينه امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ فوج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي. ڪابينه پنجاب، ڪي پي ڪي ۽ اسلام آباد ۾ فوج مقرر ڪرڻ جي منظوري ڏني.

بقايا 24 ***

ٿاڻون پوليس ڪارڪنن کي پيش ڪيو. عدالت سندن 5_5 هزار جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪري ورتو آهي

بقايا 25 ***

هائوس ۾ ملاقات ڪئي، سمير شمسي، آمريڪا پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم جو چيئرمين ذيشان الطاف، گلوبل سيڪشن جو ڪو باني سيد نصير وجاهت، آمريڪا پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم عمر فاروق، ڊائريڪٽر پبلڪ افيئرز جاويد مرزا، معيز ڪاشان پڻ وفد ۾ شامل هئا. ملاقات ۾ سنڌ ۽ جارجيا وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون، جارجيا جي يونيورسٽين ۾ سنڌ جي شاگردن جي داخلاءِ بين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، فاروق مغل جارجيا اسيمبلي مان منظور ڪيل ٺهراءُ سنڌ جي وقتي گورنر کي پيش ڪيو ان قرارداد ۾ سنڌ ۽ جارجيا کي سسٽر اسٽيٽ قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو سنڌ ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويندو ٺهراءُ موجب تعليم، صحت، ڪاروباري ترقي ۽ ماحوليات جي شعبن ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ، سنڌ ۽ جارجيا جي يونيورسٽين وچ ۾ ويجهن تعاون ۽ اسڪالر شپ کي فروغ ڏنو ويندو، ترقي ڪئي ويندي، اهو پڻ ممڪن ٿيندو ان موقعي تي وقتي گورنر سنڌ چيو ته سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ آهي، سنڌ صوفين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ جارجيا هڪ ٻئي سان مختلف شعبن ۾ تعاون ڪري سگهن ٿا، هن چيو ته جارجيا جي يونيورسٽين ۾ صوبي جي شاگردن جي داخلا تي اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته سنڌ اسيمبلي پهرين اسيمبلي هئي جنهن پاڪستان ٺهراءُ پاس ڪيو اسيمبليءَ جي ٽن ميمبرن پنهنجي رت سان ان تي دستخط ڪري برطانوي حڪومت کي واضح پيغام ڏنو ته هو پنهنجي رت سان هن قرارداد تي عمل ڪندا، سنڌ جي وقتي گورنر جارجيا جي ايوان صدر جي ميمبر کي موهن جو دڙو جي دوري جي دعوت ڏيندي چيو ته سنڌ جي قديم ترين تهذيب جا نشان به محفوظ آهن.

بقايا 26 ***

جي صدر رجب طيب اردگان صدارتي ۽ پارلياماني چونڊن کان ڪجهه ڏينهن اڳ تقريبن 7 لک سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ 45 سيڪڙو تائين واڌ جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب پگهارن ۾ اها واڌ جون کان شروع ٿيندڙ 6 مهينن لاءِ هوندي. واضح رهي ته ترڪي ۾ سرڪاري ڪاتن ۾ تقريبن 50 لک ملازمن ڪم ڪندا آهن.

بقايا 27 ***

وزيراعظم عمران خان جي گرفتاري کان پوءِ جي صورتحال جو نوٽيس ورتو آهي. ترجمان جو چوڻ هو ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سمورين ڌرين کي تشدد کان پاسو ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. ترجمان موجب انتونيو گوتريس پرامن احتجاج جي حق جو احترام ڪرڻ تي وزيراعظم عمران خان جي خلاف قانون جي عملداري ۾ قانون جي احترام تي زور ڏنو آهي.

بقايا 28 ***

سعودي عرب به وڏا ملڪ آهن جن جا لاڳاپا خطي ۾ وڏي تبديلي آڻيندا. ايراني صدر ابراهيم رئيسي چيو آهي ته شامي صدر بشار الاسد آمريڪي اتحاد ۽ اسرائيل خلاف جنگ وڙهي آهي. هن چيو ته آمريڪا ۽ ان جي حوارين شام کي ورهائڻ جي وڏي سازش ڪئي آهي، آمريڪا داعش ۽ ٻيا دهشتگرد گروپ ٺاهڻ جو اعتراف ڪيو آهي.

بقايا 29 ***

ته ايمرجنسي به لڳي سگهي ٿي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي خواجا آصف چيو ته عدالتون حڪم ڏينديون آهن خواهش جو اظهار ناهن ڪنديون. هو آرڊر جو منتظر هو عدالت خواهش جو اظهار ڪري ڇڏيو خواجا آصف جو چوڻ هو ته شهباز شريف آشيانه ڪيس ۾ پيشي لاءِ ويو ته ڪيس گرفتار ڪيو ويو مون کي جيل ۾ فرش تي ليٽايو ويو اسان ڪا شڪايت نه ڪئي. سندس چوڻ هو ته عمران خان پنڌ ڪري ويو عوام ڏنو ڪيس وهيل چيئر جي ضرورت محسوس نه ٿي، ائين نه لڳو ته عمران خان جي جنگهه ۾ تڪليف آهي. بجاءِ واري وزير سوال اٿاريندي چيو ته ڇا عمران خان ڪارڪنن کي تشدد تي نه ڀڙڪايو؟ عدالت کي شهيدن جي يادگارن تي حملي تي پاڻمرادو نوٽيس وٺڻ گهرجي. هن چيو ته ڪور ڪمانڊر جي گهر مٿان حملو ٿيو ان تي پاڻمرادو نوٽيس نه ورتو ويو ان معاملي تي ته عدالت ۾ گهٽتي جي لهر نه ٻوڙي. سندس چوڻ هو ته عمران خان وڏي مان مرتبي سان گيسٽ هائوس منتقل ڪيو ويو نواز شريف، مريم نواز، آصف زرداري ۽ مون کي ته گيسٽ هائوس ۾ نه رکيو ويو. هن چيو ته هر شيءِ کي قلمبند ڪيو ويو ته عمران خان کي ضرورت جي شيءِ ملي. عمران خان چوي ٿو ته ڪيس ڏنڊا هنيا ويا ڪيس ڪجهه ياد ناهي. سندس چوڻ هو ته عدليه آرڊر جو لفظ استعمال ڪرڻ کان به لنوائي رهي آهي. ڏسون ٿا ته ايندڙ حالتون ڪيڏانهن وڃن ٿيون. موجودا صورتحال مان نڪرڻ جو حل هڪ ئي ڏينهن تي اليڪشن آهي. حالتن نه سڌريون ته ايمرجنسي به لڳي سگهي ٿي.

بقايا 30 ***

ڏئي ڇڏيو پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عمران خان جي گرفتاري جوجواز ناهي سڄي ملڪ ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي گرفتارين جو سلسلو جاري آهي. بريد شرمن وڌيڪ چيو ته عمران خان کي لائيو اسٽريمنگ ڪرڻ گهرجي ته جيئن ماڻهن کي خبر پوي ته هو محفوظ آهي.

بقايا 31 ***

هائوس ۾ ملاقات ڪئي، سمير شمسي، آمريڪا پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم جو چيئرمين ذيشان الطاف، گلوبل سيڪشن جو ڪو باني سيد نصير وجاهت، آمريڪا پاڪستان بزنس ڊولپمينٽ فورم عمر فاروق، ڊائريڪٽر پبلڪ افيئرز جاويد مرزا، معيز ڪاشان پڻ وفد ۾ شامل هئا. ملاقات ۾ سنڌ ۽ جارجيا وچ ۾ مختلف شعبن ۾ تعاون، جارجيا جي يونيورسٽين ۾ سنڌ جي شاگردن جي داخلاءِ بين لاڳاپيل معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، فاروق مغل جارجيا اسيمبلي مان منظور ڪيل ٺهراءُ سنڌ جي وقتي گورنر کي پيش ڪيو ان قرارداد ۾ سنڌ ۽ جارجيا کي سسٽر اسٽيٽ قرار ڏنو ويو آهي، جيڪو سنڌ ڪابينا جي منظوري ڪانپوءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيو ويندو ٺهراءُ موجب تعليم، صحت، ڪاروباري ترقي ۽ ماحوليات جي شعبن ۾ گڏيل سهڪار کي هٿي ڏيڻ، سنڌ ۽ جارجيا جي يونيورسٽين وچ ۾ ويجهن تعاون ۽ اسڪالر شپ کي فروغ ڏنو ويندو، ترقي ڪئي ويندي، اهو پڻ ممڪن ٿيندو ان موقعي تي وقتي گورنر سنڌ چيو ته سنڌ جي هزارين سالن جي تاريخ آهي، سنڌ صوفين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۽ جارجيا هڪ ٻئي سان مختلف شعبن ۾ تعاون ڪري سگهن ٿا، هن چيو ته جارجيا جي يونيورسٽين ۾ صوبي جي شاگردن جي داخلا تي اڳڀرائي ٿي سگهي ٿي، هن چيو ته سنڌ اسيمبلي پهرين اسيمبلي هئي جنهن پاڪستان ٺهراءُ پاس ڪيو اسيمبليءَ جي ٽن ميمبرن پنهنجي رت سان ان تي دستخط ڪري برطانوي حڪومت کي واضح پيغام ڏنو ته هو پنهنجي رت سان هن قرارداد تي عمل ڪندا، سنڌ جي وقتي گورنر جارجيا جي ايوان صدر جي ميمبر کي موهن جو دڙو جي دوري جي دعوت ڏيندي چيو ته سنڌ جي قديم ترين تهذيب جا نشان به محفوظ آهن.

بقايا 32 ***

ڏينهن به بند آهي جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏيئي رهيا آهن.لاهور ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان زمان پارڪ ڏانهن ويندڙ رستن کي عام ٽريفڪ جي لاءِ بند ڪيو ويو آهي. پوليس جي نفري روڊن تي موجود آهي پر رستا بند هجڻ سبب شهرين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. مال روڊ، ڌرمپوره انڊر پاس تائين ڪنال روڊ هڪ طرف کان مڪمل طور تي بند آهي. رستو بند هجڻ سبب ٽريفڪ جي رواني سخت متاثر ٿي رهي آهي. ملتان ۾ به پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن طرفان مختلف روڊن تي احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا جنهن سبب روڊ بند هجڻ سبب شهري سخت پريشان آهن جڏهن ته انٽرنيٽ سروس به معطل آهي.فيصل آباد ۾ تحريڪ جي پرتشدد مظاهرن جو سلسلو جاري آهي. گذريل رات شهر جا مختلف علائقا جنگ جو ميدان بڻيل رهڻ کان پوءِ هاڻ صورتحال بهتر ٿي وئي آهي. پرتشدد ڪارروائين تي پي ٽي آءِ ڪارڪنن خلاف 5 ڪيس داخل آهن 100 کان وڌيڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي.اسلام آباد جي ترنول ريلوي اسٽيشن تي به پي ٽي آءِ جي مظاهرين حملو ڪيو ڀڃ ڊاهه کان پوءِ عمارت کي باهه ڏني وئي. باهه لڳڻ سبب ريلوي اسٽيشن جو رڪارڊ، فرنيچر ۽ ٻيو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو ڪارڪنن اسلام آباد پوليس لائين ۾ به داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کان پوءِ پوليس طرفان شيلنگ ڪئي وئي، سري نگر هاءِ وي تي به پي ٽي آءِ جا ڪارڪن ۽ پوليس آمهون سامهون ٿي ويا جنهن جي نتيجي ۾ ايس ايڇ او سنگجاني ٽائو زخمي ٿي پيو ڪيس مٿي تي ڌڪ لڳا. مظاهرين رمنا ٿاڻي ٻاهران بيٺل هڪ بڪتربند گاڏي کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو. مظاهرين سان ڇڪرين دوران پوليس ۽ ايف سي جا 28 جوان زخمي ٿي پيا.

بقايا 33 ***

ڏسي فيصلا ڪيا ويندا آهن. جيڪڏهن اهڙو ڪوبه فيصلو ٿيو ته اهو مجبوري سبب ڪيو ويندو جيڪا دهشتگردي ڪالهه ڪئي وئي ڪابه پارٽي ائين ڪري ها ته ڪيس نتيجن کي منهن ڏيڻو پوي ها. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ جيڪڏهن سياسي پارٽي رهڻ چاهي ها ته پرامن احتجاج جو سڏ ڏئي ها. سياستدان گرفتار ٿيندا آهن ته ان سان سياست جو نقصان ٿيندو. اسان ڪڏهن به خوشي ناهيون ملهائيندا نه ئي وري مٺايون ورهائيندا آهيون. پ پ شروع کان ئي نيب جي خلاف آهي پر پي ٽي آءِ نيب جو دفاع ڪيو. چارٽر آف ڊيمو ڪريسي ۾ 2008 کان 2013 تائين نيب کي بند ڪرڻ شامل هو عمران خان نيب کي بچائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي. پرڏيهي وزير چيو ته پي ٽي آءِ کي فيصلو ڪرڻو پوندو ته ڇا اها سياسي پارٽي طور ڪم ڪرڻ چاهي ٿي يا رياست خلاف هٿياربند ويڙهه ڪرڻ گهري ٿي. جي ايڇ ڪيو تي طالبان کان پوءِ پي ٽي آءِ حملو ڪيو مون اڳ ئي چيو هو ته توهان پنجاب جو الطاف پيدا ڪري رهيا آهيو پي ٽي آءِ فيصلو ڪيو هو ته عمران خان جي گرفتاري تي سياسي احتجاج نه ڪيو ويندو. جيڪو ٿيو سو ٿي ويو تحريڪ انصاف هاڻي پرتشدد ڪاروايون ڇڏي ڪيسن کي منهن ڏئي.س

بقايا 34 ***

ويو آهي. رپورٽ موجب گلگت بلتستان جي وڏي وزير خالد خورشيد پي ٽي آءِ اڳواڻن کي گلگت بلتستان هائوس اسلام آباد ۾ پناهه ڏني هئي جنهن کان پوءِ ڪيس اڄ نظر بند ڪيو ويو آهي. گلگت بلتستان هائوس ٻاهران پوليس ۽ رينجرز جي نفري مقرر ڪئي وئي. ذريعن موجب گلگت بلتستان هائوس کي سب جيل قرار ڏنو ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ اڳواڻ شاهه محمود قريشي، مليڪ بخاري، مسرت چيمه ۽ ٻين کي گلگت بلتستان هائوس اسلام آباد مان گرفتار ڪيو ويو اهي سپ جي بي هائوس اسلام آباد ۾ لڪل هئا.ذريعن جو اهو به چوڻ آهي ته گهربل اڳواڻن کي جي بي هائوس ۾ پناهه ڏيڻ تي گلگت بلتستان جي وڏي وزير جي ڪردار جو جائزو ورتو پيو وڃي. گلگت بلتستان جي وڏي وزير جو اهم عهدو هجڻ سبب سندس خلاف سخت ڪارروائي نه پئي ڪئي وڃي پر هاڻ سندس سرگرمين تي نظر رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وڏو وزير جيڪڏهن سرڪاري ذميوارين لاءِ گلگت بلتستان وڃڻ چاهيندو ته ان تي نه گهرو وزارت غور ڪندي پر ڪيس اسلام آباد ۾ ڪنهن به قسم جي سياسي سرگرمي جي اجازت نه هوندي. پوليس پي ٽي آءِ اڳواڻ اعجاز چوڌري کي به گرفتار ڪري ورتو آهي.

بقايا 35 ***

پنهنجي بيان ۾ چيو ته نريندر مودي جو سرڪاري دورو آمريڪا ۽ انڊيا وچ ۾ آزاد، ڪشادي، خوشحال ۽ محفوظ انڊو پئسفڪ خطي لاءِ گڏيل عزم کي هٿي ڏيندو. هندستاني وزيراعظم نريندر مودي کي اها دعوت انڊيا ۾ انساني حقن بابت وڌندڙ خدشن ۽ دنيا جي سپ کان وڏي آبادي واري ملڪ ۾ هندو قوم پرست قيادت ۾ جمهوري قدرن جي پڇڪڙين باوجود ڏني وئي آهي. آمريڪا ڏکڻي عرصي کان ايشيا ۾ چين خلاف ۽ انڊيا سان لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي جڏهن ته چين سان سرحدي چڪتاڻ ۾ قاتل انڊيا به آمريڪا سان لاڳاپا وڌيڪ بهتر ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. جو بائيڊن جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ اهو مودي جو پهريون آمريڪي دورو هوندو. نئين دهلي ان دوري کي تاريخي قرار ڏيندي ان جي آجيان ڪئي آهي. هندستاني پرڏيهي وزارت ان دوري کي واشنگٽن سان سهڪار وڌائڻ ۽ ڪواڊ اتحاد کي هٿي ڏيڻ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ اهم موقعو قرار ڏنو آهي. وائيٽ هائوس پنهنجي بيان ۾ چيو ته مودي جو اهو دورو ٻنهي ملڪن وچ ۾ اسان جي اسٽريٽجڪ ٽيڪنالوجي پارٽنرشپ کي وڌائڻ جي گڏيل عزم کي مضبوط ڪندو جنهن ۾ دفاع. ماحول دوست توانائي ۽ خلائي شعبن ۾ سهڪار شامل آهي.ان ڪانسواءِ تعليم، موسمياتي تبديلي، ترقي ۽ صحت به ايجنڊا ۾ شامل آهي.مودي حڪومت تي سياسي مخالفن ۽ انساني حقن جي گروهن طرفان الزام لڳايو ويندو آهي هو تنقيد ڪندڙن کي نشانو بڻائڻ ۽ خاموش ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيو آهي.ان جي باوجود هو هڪ اهڙو اڳواڻ آهي جنهن جو اولهه گهڻو احترام ڪيو آهي. هو پيرس ۾ 14 جولاءِ تي باسٽل ڊي جي تقريبن ۾ به خاص مهمان هوندو.

بقايا 01 ----

نيڪال ڪرڻ لاءِ نوان سر نالا ناهڻ جي ضرورت آهي انهي ڪري آبپاشي ۽ ايل بي او ڊي ڪاٽو ضلع انتظاميه جي مشاورت سان اسڪيمون جوڙي ته جيئن ضلع جي عوام کي مستقبل ۾ ڪنهن وڏي تباهي کان بچائي سگهجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ضلع نوشهروفيروز ۾ امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ منعقد ڪيل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، چيف انجنيئر ڊرينيج ون منصور احمد ميمڻ، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ شهيد بينظيرآباد امجد ميمڻ، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ذاڪر حسين راڄڙ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيڪو منصور احمد، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس گوراهو سميت خوراڪ، پوليس، زراعت، سوشل ويلفيئر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته امڪاني برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري تمام ضروري آهي جنهن سان عوام جي جان ۽ مال کي بچائڻ سان گڏ تڪليفن کي پڻ گهٽائي سگهجي ٿو انهي سلسلي ۾ ضلع انتظاميه ۽ لاڳاپيل کاتا گڏيل برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي برساتي پاڻي جي نيڪال سميت ريسڪيو ۽ ريليف لاءِ ڪانٽجنسي پلان تيار ڪري وٺن ۽ مانيٽرنگ ڪميٽي ۽ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيا وڃن ڪمشنر ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته سيني شهرن ۾ ڊرينج جي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڊرينيج نالن جي صفائي ۽ ڊسپوزل تي مشينري کي چالو حالت ۾ موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي ان کانسواءِ برساتن کانپوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ پلان ترتيب ڏنو وڃي جڏهن ته قومي شاهراهه ۽ ريلوي ٽريڪ کي محفوظ بڻائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن ته جيئن زميني آمدرفت جو رستو بحال رکي سگهجي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن پاران امڪاني برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڙيل پلان بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

بقايا 02 ----

ڪري موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي جنهن بعد عبدالرسول ولد خميسو پناڻ جي فرياد تي ايف آئي آر داخل ڪئي وئي جنهن ۾ گناهه نمبر 176 لڳايو ويو، ٻي طرف ڪجهه ڏينهن اڳ سيرائي روڊ تي ڦر واقعو جنهن ۾ اوشال ولد نور محمد ڪوسو کان سيرائي روڊ سندس دڪان تان ڦر ڪندڙ جوابدار به گرفتار ٿي ويا جنهن جوابدار عبدالرحمان ولد سومار ماڇي سجاد علي ولد نر شيخ ويشل ماڇي بدين جي ڏوهن ۾ ملوث هئا جن کي سٽي انچارج سالم ڪرسو گرفتار ڪري گناهه نمبر قلم 392. 34. 144.,,2023 پي پي سي تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

بقايا 03 ----

سيل ڪيو وڃي ته جيئن ڪڻڪ جي کوٽ پيدا نه ٿئي ۽ عوام کي سستو اٽو مهيا ڪري ذخيره اندوزي جو خاتمو آڻي سگهجي ان ڳالهه جو اظهار هن اڄ چارج سنڀالڻ کان پوءِ ضلعي جي تاريخي تفصيل، ترقياتي منصوبن، ڪڻڪ جي خريداري، سارين جي فصل جي پوک، بارشن جي سلسلي ۾ حفاظتي انتظامن، مردم شماري جي ڪمن جو جائزو ۽ روينيو جي بقاياجات جي وصولي جي سلسلي ۾ منعقد تعارفي اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته حڪومت پاران گهربل ڪڻڪ جي ضرورت کي پورو ڪيو وڃي ۽ ڪڻڪ کي شهر کان ٻاهر وڃڻ کان روڪيو وڃي جتي به ڪڻڪ جا ذخيرا موجود آهن انهن کي عوام جي فراهمي لاءِ يقيني بڻايو وڃي، هن چيو ته بهتر ڪارڪردگي نه ڏيکاريندڙ واسٽيڊار فيلڊ آفيسرن خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي . هن چيو ته سارين جي پوکائي تي نظر رکي وڃي، بارشن کان اڳ پنهنجا پنهنجا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ، پمپنگ اسٽيشنز ۽ ٻي مشينري کي تيار حالت ۾ رکيو وڃي ته جيئن برساتن جي صورت ۾ پاڻي جي نيڪاليءَ ۾ ڪنهن به قسم جي پريشاني سامهون نه اچي انهيءَ دوران مردم شماري جي باري ۾ تفصيل وٺندي هن چيو ته مردم شماريءَ دوران ڪوبه گهر رهجي نه گهرجي ، حڪومت جي هدايت تحت بقاياجات جي وصولي ڪئي وڃي ، فنڊ جاري ڪرائي ترقياتي اسڪيمن کي مقرر وقت تي مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن ماڻهن کي جلد کان جلد فائدو حاصل ٿي سگهي هن چيو ته شهر ۾ صفائي سٿرائي جو خاص خيال رکيو وڃي ، جيڪو به علائقو صفائيءَ جي حساب سان سڀني کان گهٽ آهي ڪوشش ڪري ان کي ماڊل علائقو بڻايو وڃي ته جيئن ماڻهن کي صفائي جي اهميت جي خبر پئجي سگهي ان موقعي تي ايڊيشنل ڪمشنر ون ڊاڪٽر علي نواز پوٽ، ڊپٽي ڪمشنر زين العابدين ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا.

بقايا 04 ----

علي شاهه، گل محمد جهرڪ، غلام حسين گاڀار، عبداللطيف پٽي، غلام حسين خاصخيلي، سليمان جوکيو، عباس سومرو ۽ ٻين مڪلي تي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته ملڪ جي ٽن صوبن جي ملازمن کي جيڪي مراعتون ڏنيون ٿيون وڃن، اهي سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي به ڏنيون وڃن. هن چيو ته سنڌ جي رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انسورنس، بينوئل فنڊ، صحت ڪارڊ، وزير اعظم پاران اعلانيل 15 سيڪڙو مان رهيل 10 سيڪڙو ملي ناهن سگهيا، جنهن ڪري ملازم سراپا احتجاج بڻيل آهن. هن گهر ڪئي ته رٽائرڊ ملازمن کي گروپ انشورنس، بينوئل فنڊ، صحت ڪارڊ، وزيراعظم پاران اعلانيل 15 سيڪڙو پگهار مان رهيل 10 سيڪڙو پگهارون ڏيڻ مهانگائي جي حساب سان ايندڙ سالياني بجيٽ ۾ 100 سيڪڙو پگهارون وڌائي رٽائرڊ ملازمن کي پريشاني کان بچايو وڃي.

بقايا 05 ----

پنهنجي پٽ بلاول جاکرو سان گڏ مڪلي پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو آهي ته اتان جي مقامي بااثر گهنور خان جاکرو سندن جيئڻ جنجال بنائي هاڻي سندن زمينن تي قبضن جون ڪوششون پيو ڪري ۽ ڪين پنهنجي زمين تي به نٿو وڃڻ ڏئي، بيواهه امي دانهيندي الزام هڻندي چيو ته ڪجهه سال اڳ سندس مڙس رمضان جاکرو زمين مان جهنگ ڪٽڻ ويو ته ان جو اسانکي زمين مان لاش مليو هو، ۽ هاڻي وري منهنجي معصوم پٽ بلاول کي به مذڪور بااثر شخص پاران زمين تي وڃڻ ۽ زمين مان جهنگ ڪٽڻ به نٿو ڏنو وڃي، جيڪا سائين وڏي ناانصافي آهي. هن چيو ته اهڙي زيادتي خلاف جهمپير ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ سميت ايس ايس پي ٺٽو کي پڻ درخواستون ڏنيون آهن. پر بااثر شخص خلاف ڪارروائي ٿي ناهي سگهي. جيڪو وڌيڪ نقصان جون ڌمڪيون ڏيئي اسانجي سموري زمين تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو بيواهه امي چيو ته سندن زمين ۾ هڪ ٽاور لڳل آهي، جنهن تان به پگهار گهنور جاکرو پاڻ وٺي ٿو جيڪا به اسان سان وڏي زيادتي آهي، هن چيو ته اسانجي ڪمائڻ وارو ٻيو ڪير به ناهي، اهي ئي زمينون اسانجي روزگار جو واحد وسيلو آهن جن تي به بااثر ماڻهن قبضا ڪري اسانکي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي. هن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو ڊي سي ٺٽو سميت چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي ته سائين انصاف ڪري سندن زمين تي قبضو ڪندڙ گهنور جاکرو ۽ سندس سائين خلاف ڪارروائي ڪري ڪجهه وقت اڳ مارجي ويل سندس مڙس رمضان جاکرو جي قتل جي جاچ ڪرائي سائين انصاف ڪري ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ انصاف لاءِ عدالت ۾ وينديس.

بقايا 06 ----

فورٿ ايڊيشنل سيشن جج پاران ڪيس ۾ نامزد 3 استادن پرديپ ڪمار، سهيل رضا ۽ عمران ڪورائي جي ضمانت 18 مئي تائين 50/50 روپين عيوض ضمانت منظور ڪري ورتي، ياد رهي ته ڪاله دادو خزاني آفيس ۾ نون استادن جي پگهارن جي مسئلي تي استادن ۽ خزاني آفيس جي عملي وچ ۾ منهن ماري ۽ فائرنگ ٿي هئي جنهن جو ڪيس دادو خزاني آفيس جي آڊيٽر شاهنواز راهپوٽو جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو هيو جنهن ۾ 3 سڃاتل ۽ 25 اڻ سڃاتل استادن خلاف ڪيس داخل ٿيل آهي، ٻئي طرف استادن پرديپ ڪمار، عمران ڪورائي، سهيل رضا ميمڻ چيو ته دادو خزاني آفيس گندا گردي جي حد پار ڪري اسان مٿان تشدد ڪري پنهنجي هٿياربندن کان سڌي فائرنگ ڪرائي آهي،دادو ٽريزري آفيس هن وقت ڪرپشن ۽ هٿياربندن جي آماجگاهه بڻيل آهي هتي رڳو ڪرپشن ڪرڻ ۽ ناجائز بل ڪرڻ لاءِ ويٺل آهن پر حقي سرڪاري ملازمن جي پگهارن لاءِ سندس وٽ ٽائيم نه آهي ڪاله پرامن احتجاج ڪرڻ تي خزاني آفيس جي عملي اسان مٿان گوليون هلائي اسان کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي،اسان سندن خلاف ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ پڻ درخواست جمع ڪرائي آهي، عدالت مان انصاف جي اميد آهي استادن جي وڪيل قاضي خليل احمد قريشي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دادو ۾ استادن مٿان سرعام گوليون هلائيون ويون پوري دنيا ڏٺو انتهائي افسوسناڪ عمل ٿيو آهي، استادن سان اهڙو رويو آهي ته معاشري جي ٻين ماڻهن سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو هوندو جتي فائرنگ ٿي اتي ڊي سي آفيس، سيشن جج هائوس ويجهو آهي،فوري طور ايڪشن ڪئي هڪ جي آءِ ٽي جوڙي وڃي. ته جيئن شفاف انڪوائري ٿي سگهي.

بقايا 07 ----

سانگهڙ لياقت چانڊيو پنهنجي ٽيم سان گڏ اوچتو شهدادپور ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هلندڙ سالياني امتحاني سينٽرن جو جائزو ورتو امتحاني سينٽرن تي بجلي بند شاگرد پريشان لوڊشيڊنگ سبب شاگردن جي پريشاني جو احساس آهي ڊي اي او سانگهڙ خبرموجب.شهدادپور ۾ نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي سالياني امتحاني سينٽرن جي معائني لاءِ ڊي اي او سيڪنڊري ليياقت چانڊيو پنهنجي ٽيم سان گڏ پهتو امتحاني سينٽرن تي لوڊ شيڊنگ سبب بجلي بند هئڻ تي حيرت جو اظهار ڪندي ٻڌايو ته سالاڻه امتحانات جي سلسلي ۾ شيڊول حيسڪو اختيارين کي موڪليل آهي.ان جي باوجود لوڊشيڊنگ جو عمل سمجهه کان ٻاهر آهي.هن چيو ته سخت گرمي باوجود شاگرد پيپر ڪن ٿا.اسان جي پوري ڪوشش ڪاپي ڪلچر جو خاتمو آڻڻ آهي.شاگرد پنهنجي محنت ۽ ذهانت سان منزل ماڻي سگهن ٿا. ڊي اي او هائي اسڪول جي هيڊ ماسترن، امتحاني سينٽرن تي مقرر اڪسٽرنل ۽ انٽرنل کي سخت هدايتون ڏيندي چيو ته شاگردن کي پيئڻ لاءِ صاف ۽ ٿڌي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بنائين سينٽر اندر غيرضروري ماڻهن جو اچڻ ۽ موبائيل فون جو استعمال سخت منع آهي. بوائز هائي اسڪول لال باغ جي هيڊماستر برڪت پنهور ميڊيا کي ٻڌايو ته ڊي اي او سيڪنڊري پنهنجي ٽيم سان گڏ امتحاني سينٽرجو معائنو ڪيو.اسان پوليس جي مدد سان سينٽر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي سڪيورٽي جا سخت بندوبست ڪيا آهن.۽ شاگردن لاءِ پيئڻ جي صاف ۽ ٿڌي پاڻي جو پڻ انتظامات ٿيل آهن ڊي اي او صاحب خوش ٿي ويو.ان موقعي تي تعلقه شهدادپور جو سيڪنڊري آفيسر محمد اڄرباڳراڻي تعلقو ٽنڊوآدم جو علي پاٽو سينٽر استاد منير ڪبري ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 08 ----

گولي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور سول اسپتال ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو ويو.طبي امداد بعد نازڪ حالت سبب زخمي نوجوان کي حيدرآباد ريفر ڪيو ويو. رستي ۾ زخم جي سٽ نه سهندي فوت ٿي ويو. ايس ايچ او مشتاق عالماڻي ٻڌايو ته پوليس واقعي جي اين سي رپورٽ داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 09 ----

چارڻ، سيد نواب شاهه،خان پنهور، جاويد لنڊ،حاڪم شاهاڻي،قربان ملاح ميرمحمد جروار،ظهير لاشاري سميت 16 ڄاڻل ۽ ٻين 50 کان مٿي اڻڄاتلن مٿان عمران خان جي بلاجواز گرفتاري خلاف احتجاج ۽ نعري بازي ڪرڻ تي داءو اي سيڪشن پوليس ٿاڻي تي سرڪاري مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 10 ----

شاگردياڻين کان بائيولاجي پيپر ورتو ويو جڏهن ته امتحاني سينٽرن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري، لاڙڪاڻي بورڊ جي عملدارن سميت مختلف ٽيمن پاران دورو ڪيو ويو. ان موقعي تي هيڊ ماسٽر نثار احمد سولنگي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏوڪري ۾ امتحاني سينٽر بهترين نموني هلي رهيا آهن، سيڪورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا آهن امتحاني سينٽرن تي لاڙڪاڻي بورڊ سميت مختلف ٽيمون دورو ڪري رهيون آهن

بقايا 11 ----

بلڙي شاهه ڪريم پهچي احتجاج ڪندي چيو آهي ته بااثر زميدار جي ڪمدار ڏاڏ مڱسي ڪري تاريخي قبرستان کي مسمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي هنن چيو ته قبرن مٿان ٽريڪٽر هلائي ڪافي قبرون ڊاهي ڇڏيون آهن ۽ قبرن جي بيحرمتي ڪئي وئي آهي جيڪا سخت ناجائزي آهي هنن چيو ته پوري علائقي جي ماڻهن جا هن قبرستان ۾ سندن پيارا دفن ٿيل آهن هي تاريخي قبرستان آهي هڪ بااثر پاران سڄي قبرستان کي مسمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي هنن مطالبو ڪيو آهي ته قبرستان کي مسمار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙن ۽ قبرن کي ڍاهيندڙن خلاف فوري قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سمورا ڳوٺاڻا روڊن تي اچي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻندا.

بقايا 12 ----

سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو فائر برگيڊ روهڙي فائر برگيڊ صالح پٽ ۽ ڪنڊڙا ٽائون ڪاميٽي بروقت اچي باهه وسائي پران وقت ٿائي گهر اندر پيل سامان سڙي رک ڪري ڇڏيو متاثر کليل آسمان هيٺ اچي ويا وس وارن کان مالي مدد جي اپيل

بقايا 13 ----

جي برسات سبب پيدا ٿيل ٻوڏ تمام گهڻي تباهي برپا ڪئي، اهڙي تباهي کي صرف حڪومت ۽ مقامي ماڻهو اڪيلي سر منهن نٿا ڏئي سگهن. ماڻهن سان گڏجي گهرن جي تعميرات ڪري سگهون ٿا، هيندز پنهنجي وس آهر پنهنجي ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪئي آهي، هن وقت تعلقه ڪي اين شاهه ۽ جوهي ۾ گهرن ناهڻ هيندز حوالي آهي، ٽيڪ معاونت ڊبليوايچ ايچ مالي سهڪار ايف، سي، ڊي، او جي پڻ آهي. جنهن ۾ 383 خاندانن کي گهر، سولر يونٽ ان کان علاوه 2300 خاندانن کي 25 هزار گهر جي مالي مدد. گهرن جي لاءِ هائيجن ڪٽ ۽ سيشن ۽ آگاهي ڏني ويندي. 250 ماڻهن کي صحت جي سنڌاري جي آمدرفت جي لاءِ 15 هزار ڏنا ويندا. گهرن جي اڳڻ تي وڻ پوکڻ جو آغاز ڪيو ويو آخر ۾ 25 هزار جا چيڪ پڻ ورهايا ويا، ڳوٺاڻن پاران هيندز پاران گهرن ناهڻ جي ڪم کي پڻ ساراهيو.

بقايا 14 ----

ميروخان ويجهو سڄاول جوڻيجو ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڳوٺ ڪرٽ لعل بخش مهيسرلڳ گهر پنهنجا ۾ سولر جي بيٽري جي تار مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻن پورهيتن محرم چانڊيو ۽ رب رکيو چانڊيو جي گهرن ۾ پيل سمورو گهريلو سامان، ڪاٺ لاءِ رکيل اناج ۽ 30 هزار روپيا روڪ سڙي ويا آهن باهه واقعي جي اطلاع بعد ميروئي سڄاول جوڻيجو جي فائر برگيڊ گاڏين پهچي باهه تي ضابطو آڻي ڳوٺ ۾ واقع باقي گهرن کي سڙڻ کان بچائي ورتو باهه متاثر ڳوٺاڻن ميڊيا اڳيان دانهيندي سرڪار ۽ سرندي وارن کي اپيل ڪئي ته غريب هاري آهيون باهه لڳڻ سبب ڪکاڻن گهرن ۾ پيل سڀ ڪجهه سڙي ويو آهي تنهن ڪري مدد ڪئي وڃي ٻي پاسي رابطو ڪرڻ تي ڊي سي قمبرشهدادڪوٽ سليم اوڊو ٻڌايو آهي ساڳي ئي ڳوٺ ۾ هڪ هفتو اڳ ٽن پورهيتن جا گهر باهه لڳڻ سبب سڙي ويا هيا جنهن کان پوءِ متاثرن جي سرڪاري فنڊ مان مدد ڪئي هئي ساڳي طرح هنن باهه متاثرن جي به مدد ڪنداسين.

بقايا 15 ----

ڳالهائيندي چيو ته NAVTTC پروگرام مان اڳ ۾ پاس ڪندڙ لاتعداد نياڻيون پنهنجو پارلر هلائي رهيو آهن، هي سکيا بلڪل مفت ڏيئي رهيا آهيون هن اداري جي طرفان 3 رڪني ناهي ڪاميٽي ناهي نياڻين کان انٽرويو ورتا ويا، جنهن ۾ اداري جي جو انچارج حافظ علي اڪبر اعوان، ميڊم زبيده ۽ ميڊم مقدس جي نگراني ۾ سارو عمل مڪمل ڪيو ويو وڪيشنل ٽريننگ ۾ اهڙا شعبا آهن جن ۾ سکيا حاصل ڪرڻ کانپوءِ لوڪل ۽ انٽرنيشنل مارڪيٽ ۾ روزگار جا تمام گهڻا موقعا ۽ سهولتون موجود آهن انهن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو

بقايا 16 ----

ادا ڪئي وئي نماز جنازه ۾ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين شهرين ۽ علائقي واسين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي فوتي جي مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته صحافي عبدالحفيظ پلا عبدالواسع عبدالراشد عبدالباسط عبدالماجد علي گوهر پلا سان دريا خان مري ۾ تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 17 ----

ڪئي آهي ته سيڪريٽري سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ڪراچي کي طلب ڪيو وڃي ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن جي اختيار مان مناسب فنڊز جو بندوبست ڪرايو وڃي تباهه ٿيل اسڪولن جي تعميرجو ڪم شروع ڪرائي ته جيئن برساتن دوران تباهه ٿيندڙ اسڪولن جي ٻارن جي تعليم کي ڪنهن به قسم جو نقصان نه پهچي ۽ شاگرد ۽ شاگرديائيون پر امن ماحول ۾ پنهنجي مڪمل تعليم حاصل ڪري سگهن انهن تفصيلي طور تي چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي تباهه حال پرائمري اسڪول منوخان دراني تعلقه ڪوٽ غلام محمد جي عمارت جي وڊيو وائرل ٿي جنهن تي ايڪشن ڪندي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري محمد عثمان سومرو کان اسڪول جي باري ۾ ضروري معلومات گهريون ويون جيڪي رجسٽرار صوبائي محتسب کي موڪليون ويون ۽ تعليم کاتي جي ذميدارن سان گڏ اسڪول جو وزٽ به ڪيو ويو معلومات مطابق بوائز پرائمري اسڪول منوخان دراني 1995 ۾ قائم ڪيو ويو ۽ ان کي 1996 ۾ تعمير ڪيو ويو ٺيڪو ڪچي پڪي ڪمري ۾ هلايو ويو اسڪول 2009 کان 2014 تائين استاد جي نه هئڻ سبب بند رهيو 2014 ۾ بي ايس ٽي ۾ ماهي خان کي ڀرتي ڪيو ويو ڪچو پڪو ڪمرو پوئين سال شديد برساتن سيلاب ۾ ڪري پيو ۽ مقرر ڪيل استاد ان وقت کان تقريبن 50 ٻارن کي کليل ميدان وڻن جي ڇانو ۾ تعليم ڏئي رهيو هو ريجنل ڊائريڪٽر صوبائي محتسب جي مداخلت سبب انتظاميه بيدار ٿي ۽ غريب ڳوٺاڻن جي شاگردن کي عرضي پناهه ڳا فرلو ڪيو ويون جن سائيڊ جي معائني دوران ڳوٺاڻن انٽرويو ڪري اسان جي ورتل ڪوشش تي مهرباني ادا ڪئي.

بقايا 18 ----

سوبهارون . گنگر ڊاتس جي ذريعي ٻئي شهر ۾ کڻي وڃي رهيا هئا ته مخفي اطلاع تي گرفتار ٿي ويا.

بقايا 19 ----

ٻڌڻي دوران فريادي پرويز چانڊيو پاران عدالت ۾ پيش ڪيل بيان تي الزام هيٺ آيل پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيوجي ڌر جي وڪيل آڏي پڇا ڪئي، عدالت ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي 12 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي ام رباب چانڊيو جو چوڻ هو ته پوري پاڪستان کي خبر آهي ته 6 سال اڳ منهنجي ڏاڏي، والد ۽ چاچي کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو.اڄ اميد هئي ته آڏي پڇا فريادي کان مڪمل ٿي ويندي پر 4 ڪلاڪ کان وڌيڪ آڏي پڇا هلي پر اها مڪمل نه ٿي سگهي،ام رباب ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته جن ڳالهين جا اسان کي خدشا هئا اهي سچ ثابت ٿيا،هن چيو ته منهنجي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي شاهدن کي ڌمڪيون ڏيڻ کانپو" سردار چانڊيو وارن منهنجي چاچا ڪيس جي فريادي پرويز چانڊيو خلاف اينٽي ڪرپشن جا نوٽيس عدالت ۾ پيش ڪيا آهن،هن چيو ته اسان کي اينٽي ڪرپشن جو نوٽيس ناهي مليو ۽ جوابدار ايم پي اي اهي نوٽيس عدالت ۾ پيش ڪيا آهن .هن چيو ته ظاهر آهي ٻئي جوابدار ايم پي اي آهن . حڪومت هنن جي آهي , اجا وڌيڪ حربا استعمال ڪندا . ٿي سگهي ٿو ته منهنجي خلاف به ايف آءِ آر ڪٽي پيش ڪن هن چيو ته اسان کين ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته توهان ڀلي ڪيتريون به ڌمڪيون ڏيو اسان انصاف وٺڻ کان سواءِ پٺتي هٽڻ وارا ناهيون, هن چيو ته هي ڪيس اسان جي 3 گهرڀاتين کي قتل ڪرڻ جو هلي رهيو آهي , جوابدارن کي سزا ڏياري سک جو ساهه کڻنداسين.

بقايا 20 ----

2023 ۽ تائين درگاهه شريف لڳ نيوسعيداباد ۾ عقيدت احترام سان ملهايو پيو وڃي عرس جو افتتاح گادي نشين سيد محبوب شاهه لڪياري ۽ سيد غلام شبير شاهه لڪياري درگاهه تي چادر چاڙهي دعا سان ڪندا. جڏهن ته چارئي ڏينهن لطيفي روح رهاڻ، محفل سماع، ملاکڙو ٿيندو 20 مئي تي لڪياري ادبي ڪانفرنس ٿيندي جڏهن ته 22 مئي تي لڪياري ايوارڊ تقريب ٿيندي جنهن ۾ فنڪارن سازندن صحافين کي ايوارڊ ڏنا ويندا.

بقايا 21 ----

آهي، جنهن ۾ گورنمينٽ ڪالج يونيورسٽي فيصل آباد، پنجاب يونيورسٽي، لاهور ڪاليج فار ويمن يونيورسٽي، ۽ ڪراچي يونيورسٽي سميت ملڪ جي مختلف وومين والي بال ٽيمن حصو وٺي رهيا آهن. سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ لڳايل ٻن هفتن واري تربيتي ڪيمپ ۾ ٽريننگ سيشنس جاري آهن. سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ لڳايل ٽريننگ ڪيمپ ۾ وومين والي بال ٽيمن جي شاگردياڻين سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف احمد شيخ سان ملاقات ڪئي، وائيس چانسلر وومين والي بال ٽيمن جي رانديگرن کي سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر ۾ ڀليڪار ڪيو ۽ ٽيم جي ڪاميابين تي مبارڪباد ڏيندي سندن حوصلا افزائي ڪئي، وائيس چانسلر کين چيو ته هو پنهنجين يونيورسٽين جي عزت ۽ ايمانداري سان نمائندگي ڪندي شاندار جدوجهد ڪن ۽ پنهنجي ادارن کي سرخرو ڪن. وائيس چانسلروڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ ٽيلينٽ جي ڪا به کوٽ ناهي، موقعو ملڻ تي نوجوان پاڻ مڃائي ٿو. وائيس چانسلر سان ملاقات ۽ سندس حوصلا افزائي وومينز والي بال ٽيم تي هڪ زبردست اثر ڇڏيو ۽ هڪ نئين عزم ۽ حوصلي کي جنم ڏنو. فزيڪل ڊپارٽمينٽ جي هيڊ ڊاڪٽر شاهزمان خان ٻڌايو ته ايچ اي سي جون ٽيمون سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۾ لڳايل ٽريننگ ڪيمپ ۾ ٻن هفتن لاءِ موجود آهن. والي بال ٽريننگ ڪيمپ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪرڻ کانپوءِ، ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس مسٽر اسد جي سربراهي ۾ ٽيمون 14 کان 21 مئي 2023 تائين ڪوئيٽا ۾ 34 هين نيشنل گيمز ۾ حصو وٺنديون.

بقايا 22 ----

علي ميراڻي، آديش ڪمار، قمر علي، غلام علي سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب اڳيان ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن استادن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته دادو ۾ ٽريزري عملدارن پاران نون استادن مٿان ٿانالائق حملو ڪيو آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته 13 مهينن کان مسلسل پگهارن لاءِ آءِ ڊيون ناهي کوليون وڃن. آءِ ڊيز کولڻ لاءِ ٽريزري جا عملدار رشوت گهري رهيا آهن. هنن چيو ته دادو ۾ استادن مٿان ٽريزري جي عملدارن سڌي فائرنگ ڪري سرعام دهشتگردي ڪئي آهي. هنن چيو ته دادو ۾ استادن جي مٿان ٿيل حملي ۾ ملوث ٽريزري عملدارن خلاف سخت کان سخت ڪارروائي ڪري استادن سان انصاف ڪيو وڃي. هنن چيو ته استادن جون بند پيل پگهارون ۽ آءِ ڊيز نه کولڻ استادن جو معاشي قتل عام ڪرڻ آهي. هنن وزيراعلي سنڌ، تعليم کاتي جي وزير ۽ ٻين کان مطالبو ڪيو ته بنا دير نون استادن جو آءِ ڊيز کولي پگهارون جاري ڪيون وڃن ۽ دادو ۾ استادن جي مٿان ٿيل حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ وڌيڪ احتجاج ڪيو ويندو

بقايا 23 ----

راجپوت گشت دوران فلٽر پلانٽ گهارو ويجهو گڏيل ڪاروائي ڪندي هڪ ٽرڪ تي ڇاپو هڻي 2 جوابدارن شهريار ولد شفيق تنولي ۽ اصغرولد قاسم چانڊيو کي گرفتار ڪري ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي، ٽرڪ مان 482 ڪلو ڪاٿو ۽ 500 پيڪٽ گٽڪا ماوا هٿ ڪري مٿن گهارو ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. صحافين سان ڳالهائيندي ايس ايچ او گهارو انسپيڪٽر ممتاز علي بروهي چيو ته منشيات فروش توڙي ڏوهاري ڪيترا به بااثر ڇو نه هجن پر هو قانون کان بچي نه سگهندا، سندن ڪاروايون انهن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون.

بقايا 24 ----

امداد سومرو، رشيد مڱسي داد محمد ڪنڊ، زاهد مڱسي ۽ ٻين هٿن ۾ بلي ڪارڊ کڻي ٻئي ڏينهن به ڪوئوموٽوچوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا وارن سان ڳالهائيندي چيو ته شهر ۾ بدامني ۾ رڪارڊ اضافوٿيو آهي، هر روز موٽرسائيڪل، موبائيل فون ۽ پيسا ڦرڻ روز جو معمول بڻيل آهي پر پوليس ڦورن خلاف ڪا به ڪاروائي نه آهي ڪئي هنن چيو ته شهر هر محلي ۾ منشيات جا اڏا سر عام کليل آهن جنهن ڪري وڏي انگ ۾ نوجوان منشيات جي ور چڙهي ويا آهن پر پوليس انهن کان منٿلي ۽ ڀتو اڳاڙڻ ۾ مصروف آهي هنن مطالبو ڪيو ته وڌندڙ بدامني کي روڪي ڦورن خلاف سخت ڪاروائي ڪري منشيات جا اڏا بند ڪرائي نوجوانن جو زندگيون بچايو وڃن ٻي صورت هنن سخت احتجاج ڪرڻ جو پڻ چتاءُ ڏنو.

بقايا 25 ----

ڳوٺ سوسائٽي ناهي پنهنجي ماڻهن کي آباد ڪيا آهن جيڪو تعريف قابل آهي. مشتاق سرڪي/ غلام شاهه. پ پ هميشه ڪراچي ۾ سنڌي ڳوٺن کي رليف ڏنو آهي ۽ هميشه ڏيندي رهندي عوام ايندڙ اليڪشن ۾ان فرد کي چونڊي جيڪو اوهان عوام جو پرچهلو هجي. شهلا رضا/حنيف سومرو. سنڌي ماڻهن کي پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ وڌ کان وڌ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر شير مهراڻي. سنڌ مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهي آهي سنڌ جا زمين بنجرٿين پيا اسڪول ويران ٿي ويا ڪروڙ کان مٿي ٻار تعليم کا محروم آهن جنهن جو ذميوار پ پ سرڪار آهي چرجو سنڌي ماڻهن هميشه سنڌ ۽ پ پ کي سرخرو ڪيو آهي. اي جي پي اڳواڻ. محبوب عباسي سڌائين پنهنجي دوستن سائين کي گڏ کڻي هلندو آهي جيڪا هڪ بهترين عمل آهي. عنيات ڪتيان. ارشد عباسي. محبوب عباسي حقيقي قومپرست اڳواڻ آهي جيڪو ڪراچي جي تمام علائقن ۾ سنڌي ڳوٺ ناهي هزارين سنڌي ماڻهن کي آباد ڪيو آهي جنهن کي سلام پيش ڪيون ٿا پنهل لاڙڪ آفتاب گوپانگ . ان موقعي تي آيل مهمانن طرفان محبوب علي عباسي کي گلن جا هار سنڌ جي ثقافت جون سوکڙيون ٽوپي اجرڪون پڻ پارايا ويا

بقايا 26 ----

۽ منظورحسين . ثاقب . مسمات بسمه . ممتاز . اعجاز. ڪميش . مظهر علي. غلام شبير ۽ جميل زخمي ٿي پيا ٻن ڌرين جي جهيڙي دوران نوجوان ساونڊ زخمي ٿي پيو جڏهن ته عبدالوحيد . مسمات الهجالي ۽محمد رمضان کي ڏار ڏار چتن ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري ڇڏيو سمورن زخمين کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو.

بقايا 27 ----

آهي موبائل فون تي به سختي سان پابندي عائد ڪئي وئي آهي ٽنڊوجام پوليس جي نفري ۾ امتحاني سينٽر جي ٻاهران مقرر ڪئي وئي آهي بجلي جي لوڊشيڊنگ جي وجا کان جنريٽر جو انتظام به ڪيو ويو آهي ۽ شاگردن لاءِ ٿڌي پاڻي جو انتظام ڪيو ويو آهي آهي جيئن شاگردن کي ڪا ڏکيائي پيش نه اچي. ۽ پنهنجو امتحان سٺي نموني سان ڏئي سگهن.

بقايا 28 ----

۽ احتجاج ڪندي انصاف لاءِ نعريبازي ڪئي ۽ قبضو هٽرائڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن الزام هڻندي چيو ته نظير رند ۽ عاشق ٿهيم پنهنجي ساٿين سان گڏجي منهنجي پلاٽ تي زبردستي قبضو ڪيو آهي جڏهن ته پلاٽ آئون پئنسن تي خريد ڪيا جنهن جا مڪمل دستاويز موجود آهن حد جي پوليس وٽ ڏانهن باوجود ڪو به انصاف نه ٿو ملي ۽ قبضو ڪندڙ به مون کي ۽ منهنجي خاندان کي مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن ته اسين غريب مسيح برداري عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا آهيون ۽ ڪنهن به وقت جاني مالي نقصان پهچايو ويندو اسين وزيراعلي سنڌ، چيف جسٽس هائي ڪورٽ ۽ آئي جي سنڌ. ايس ايس پي اوپر کان اپيل ٿا ڪريون ته پلاٽ تان جبري قبضو ختم ڪرائي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا 29 ----

شهدادڪوٽ ۾ فوڊ ۽ روينيو عملدارن جي گڏيل ڪاروائي مختلف سيلرن تي ڇاپا هڻي هزارين مڻ ڪڻڪ هٿ ڪئي، ان حوالي سان ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ضلعي فوڊ ڪنٽرولر الطاف مگسي چيو ته ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ڪڻڪ جي ٽارگيٽ 14 لک ٻورين کان وڌيڪ آهي. هن چيو ته هن وقت تائين 9 لک 80 هزار کان وڌيڪ ڪڻڪ جون ٻوريون گڏ ڪيون آهن. ٽارگيٽ پوري ڪرڻ لاءِ شهدادڪوٽ جي چئن کان وڌيڪ رائيس ملزتي ڇاپا هنيا آهن جنهن ۾ 60 هزار کان وڌيڪ ڪڻڪ جو ٻوريون هٿ ڪيون آهن. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالقادر مشوري ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته فوڊ ڊپارٽمينٽ سان گڏجي ڪاروايون ڪيون پيا ٽارگيٽ پوري ٿيڻ تائين ڪاروائيون ڪيون وينديون. هنن چيو ته مختلف رائيس مل تي هٿ ڪيل ڪڻڪ جي بلنڪ چيڪ ڪري روينيو ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ جا ماڻهون ويهاريا آهن ٽارگيٽ کان وڌيڪ ڪڻڪ ضبط ڪري فوڊ ڊپارٽمينٽ کي ڏني ويندي.

بقايا 30 ----

۽ گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ ميٽيريل هٿ، 3 ڌار ڌار ڪيس داخل. دڙو لڳ ڳوٺ لاڪا ۾ ايس ايچ او دڙو بشير چانڊيو جي اڳواڻي ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس جو ڳوٺاڻي ولي محمد خاصخيلي جي گهر تي ڪارروائي، پوليس ڪارروائي دوران گهر اندر لڪايل لکين رپين جي ماليت جي سوپاري ۽ گٽڪي ۾ استعمال ٿيندڙ ميٽيريل هٿ، دڙو ٿاڻي تي گهرڌڻي ولي محمد خاصخيلي، تعمير لاڪائي ميمڻ ۽ ولي پلڻ خلاف 3 ڌار ڌار ڪيس داخل، گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي. دڙو پوليس جي ايس ايچ او بشيرچانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته آئي جي سنڌ جي ۽ ايس ايس پي سجاول جي هدايتن تي ڳجهي اطلاع تي دڙو لڳ ڳوٺ لاڪا ۾ ڇاپو هنيو سڄاول ضلعي جي تاريخ جي سڀ کان وڏي منشيات هٿ ڪئي آهي. جلد دڙو شهر ۽ ڳوٺن ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪري علائقن کي پاڪ ڪري رزلٽ زيرو تي آندي ويندي.

بقايا 31 ----

دور ۾ ٺٽي کان وايا جهمپير روڊ کان محروم بڻيل. ٺٽو وايا جهمپير 40 ڪلوميٽر روڊ ڪيترائي سال گذرڻ باوجود تعمير نه ٿيڻ ڪري هاڻي گاڏين جي هلڻ لائق به ناهي رهيو گاڏين کي نقصان پهچڻ به روز جو معمول بڻجي ويو آهي، پر سنڌ سرڪار، ضلعي انتظاميه توڙي چونڊيل نمائندا به هن روڊ جي نئين سر تعمير ڏانهن ڪو ڌيان ناهي ڏنو، جنهن جي نئين سر تعمير لاءِ ڪوهستان واسي سراپا احتجاج بڻيل آهن، پر ڪوهستان واسين جون ڪير به دانهون ٻڌڻ وارو ناهي، ٻئي طرف پريس ڪلب جهمپير جي ميزباني هيٺ سياسي، سماجي ڌرين، قومپرست اڳواڻن سميت ڪوهستان واسين پاران روڊ جي نئين سر تعمير لاءِ 14 مئي تي جهمپير کان ٺٽي تائين پيادل لانگ مارچ جو اعلان ڪيو ويو آهي، جيڪو لانگ مارچ جهمپير کان 40 ڪلوميٽر پنڌ ڪري 15 مئي تي ٺٽي شهر پهچي ٺٽي ۾ ڌرڻو هڻي روڊ جي نئين سر تعمير سميت ڪوهستاني پٽي ۾ قائم ملڪي توڙي غيرملڪي ڪمپنين ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪري کين صحت، تعليم، روزگار، روڊ، رستي، بجلي، سوئي گئس سمورين بنيادي سهولتون ڏيارڻ جو مطالبو ڪري روڊ جي مڪمل تعمير تائين پنهنجي پرامن احتجاج کي جاري رکندا. جنهن پيادل لانگ مارچ ۾ ڪوهستان واسين کي ڀرپور نموني شرڪت جو پڻ سڏ ڏنو ويو آهي اهڙي پڌرائي پريس ڪلب جهمپير جي صحافي عهديدارن ۽ اڳواڻن پاران ڪئي وئي آهي. جن ڄاڻايو آهي ته هي سندن بنيادي حق آهن جن تي ڪڏهن خاموش نه ويهنداسين هنن سندن سمورا جائز مسئلا حل ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا 32 ----

سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سنڌ جي نوجوان راڳي فنڪارا فرزانه عرف بختاور علي جو سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ سميت سندس والد راڳي علي ڏنو پناڻ مرحوم جو وظيفو سندس اولاد کي جاري ڪرايو وڃي جاري ڪيل گڏيل بيان ۾ اڳواڻن وڌيڪ چيو آهي ته فرزانه عرف بختاور علي اڳ ڪيترائي مهينا بيماري جي بستري تي هئي کيس بلڊ ڪينسر هو آغا خان اسپتال ڪراچي مان علاج ڪرائي صحتياب ٿي هئي ۽ ٻيهر پنهنجي مداحن جي وچ ۾ هئي پر هڪ ڀيرو ٻيهر بيماري ۾ وڪوڙجي وئي آهي علاج واسطي آغا خان ۽ ٻين وڏين اسپتالن مان ٽيسٽون ڪرائي پئي جڏهن ته فنڪارا وٽ هاڻي ٽيسٽون ڪرائڻ جي به مالي سگهه ناهي رهي جنهن ڪري اسان جي تنظيم ثقافت کاتي سنڌ جي اختيارين ۽ صحت کاتي سنڌ جي وزير محترم عذرا پيچوهو کي اپيل ٿا ڪريون ته نوجوان فنڪارا جو سرڪاري خرچ تي علاج ۽ ٽيسٽون ڪرايون وڃن جڏهن ته مرحوم راڳي علي ڏنو پناڻ جي زندگي ۾ ملندڙ وظيفو پڻ مرحوم راڳي جي خاندان کي ڏنو وڃي ته جيئن هو گهر جو چلهو ٻاري سگهن

بقايا 33 ----

اگهه آسمان تي پهچي ويا غريب ماڻهن خريدڻ کان لاچار خبر موجب ملڪ جي ٻين شهرن وانگر سکر ۾ به ميون جو بادشاهه انب مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ اچي ويو آهي، آمد سان گڏ ان جي اگهه ۾ به اضافو ٿي ويو آهي قيمتن ۾ اضافي سبب عام ماڻهو جي قوت خريد به ختم ٿي وئي آهي انب جي مختلف علائقن ۾ مختلف قسمن جا انب وڏي مقدار ۾ وڪرو ٿي رهيا آهن. جڏهن ته واپارين به منافعي خوري شروع ڪري ڇڏي في ڪلو جي گهٽ ۾ گهٽ رقم 300 روپيا مقرر ڪري ڇڏي آهي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽرن موجب انب نه رڳو دل جي بيمارين ۾ مدد ڪري ٿو پر معدي جگرجي بيمارين کي به ختم ڪري ٿو.ان سلسلي ۾ انب وڪرو ڪندڙن جو چوڻ آهي ته انب جا 26 قسم آهن ۽ پاڪستاني انب دنيا جي مختلف ملڪن ۾ نمايان آهن جن جي طلب به وڌي آهي.

بقايا 34 ----

سکر پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي چيو ته 36 سال اڳ جاچڙ برادري جي بااثرن پاران قتل ڪيل جوابدارن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي قاتلن جي گرفتاري نه ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو سادو پنو عاقل ٿاڻي جي حد ۾ مون کي قتل ڪري ڇڏيو، ڪزن شفيع محمد ڪنپر کي بليڪ ميل ڪري بيگناهه قتل واقعي کي 36 سال گذري ويا آهن پر ڪيس داخل ٿيڻ باوجود پوليس گرفتار نه ڪري سگهي آهي. مقتول جي وارثن اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي. جوابدارن پاران شڪايتون ۽ ڪيس واپس نه وٺڻ تي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن.

بقايا 35 ----

ماڊل ڪورٽ نوشهروفيروز جي عدالت ڪيس جي ٽن جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ واري فيصلي کي سنڌهاءِڪورٽ سکر بئنچ ۾ چئلينج ڪرڻ واري درخواست جي ٻڌڻي ٿي ڪيس مان بري ٿيلن جي وڪيل عدالت کان ڪيس جي تياري ڪرڻ لاءِ مهلت گهري ورتي جنهن بعد عدالت ٻڌڻي 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏيعدالتي احاطي باهران ميڊيا سان ڳالهائيندي فاطمه انصاري جو چوڻ هو ته، ٽي سال اڳ قتل ٿي ويل ايم پي اي شهناز انصاري جي قتل ڪيس ۾ ماڊل ڪورٽ نوشهرفيروز جي عدالت هڪ جوابدار وقار ڪوڪر کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي هئي ۽ ٻين جوابدارن کي بري ڪيو هو نوشهروفيروز ماڊل عدالت جي ان فيصلص کي سنڌ هائي ڪورٽ بينچ سکر ۾ چيلنج ڪيو هو جنهن جي اڄ ٻڌڻي ٿي،جوابدارن جي وڪيل جي عدالت کي ڏنل مهلت واري درخواست تي ڪيس 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪيو ويو آهي عدالت مان انصاف جي اميد آهي قاتلن کي سزا ضرور ملندي

بقايا 36 ----

تحقيقي مقالا پيش ڪيا بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي ۽ اسڪل ڊيولپمينٽ خيرپور ميرس پاران انجنيئرنگ ٽيڪنالاجيز ۾ ايمرجنگ ٽرينڊز ۽ رجحانن بابت ٻهرين عالمي ڪانفرنس جي اختتامي تقريب مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيمپس خيرپور ميرس جي آڊيٽوريم ۾ ٿي گذري. عالمي ڪانفرنس ۾ ملائيشيا، آمريڪا، چائنا، ترڪي ۽ پوري ملڪ مان 106 کان وڌيڪ عالمن تحقيقي مقالا پيش ڪيا. جڏهن ته اختتامي تقريب جا مهمان خاص امتياز حسين گيلاني چيئرمين نيشنل ٽيڪنالاجي ڪائونسل، پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ وائيس چانسلر اروڙ يونيورسٽي آف آرٽ، آرڪيٽيڪچر، ڊزائين ۽ هيريٽيج، پروفيسر پروفيسر ڊاڪٽر فاتح شجا (ملائيشيا) ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالسميع قريشي پرو وائيس چانسلر مهراڻيونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪئمپس خيرپور پروفيسرڊاڪٽرعبدالشڪور، پروفيسر ڊاڪٽر حيدر عباس موسوي، پروفيسر ڊاڪٽر حسين بخش مري، ڊين فئڪلٽي آف انجنيئرنگ ٽيڪنالاجي شامل هئا. تقريب کي خطاب ڪندي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ۽ ڪانفرنس جي سرپرست اعليٰ پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر چيو ته عالمي ڪانفرنس ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي تحقيقڪارن پاران پيش ڪيل تحقيقي مقالا. تحقيق جي شعبي ۾ نوان گس ڏيندا. سنڌ جي نوجوان کي ٽيڪنالاجيءَ طرف اڳتي اچڻو پوندو ۽ ٽيڪنيڪل تعليم حاصل ڪري ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ پنهنجو پاڻ ملهائڻو پوندو. وائيس چانسلر ڊاڪٽر رسول بخش مهر وڌيڪ چيو ته مستقبل ۾ اسان جي يونيورسٽي پاران ٽيڪنالاجيءَ جي نون لاڙن تي پروقار ڪانفرنسون منعقد ڪيون وينديون. جنهن سان اسان جي شاگردن ۽ ڪميونٽي کي پڻ فائدو رسندو جڏهن ته معاشري ۾ تحقيق جي شعبي کي وڌيڪ پذيرائي ملندي. تقريب کي خطاب ڪندي ملائيشيشن اسڪالر پروفيسر ڊاڪٽر فاطمه شجا چيو ته هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪري خوشي محسوس ٿي آهي، پاڪستان جي نوجوان شاگردن ۾ تمام گهڻي ذهانت موجود آهي، تحقيق جي شعبي ۾ آهي پنهنجو پاڻ ملهائي رهيا آهن شاگردن جي ذهانت کي هن ڪانفرنس ذريعي اجاگر ڪيو ويو آهي، جيڪا هڪ بهتر ڳالهه آهي، آئون يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر کي هيءَ پروقار ڪانفرنس منعقد ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪريان ٿي. عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ چيو ته موجوده دؤر ٽيڪنالاجيءَ جو دؤر آهي ۽ هي دور آرٽيفيشل انٽيليجنس جو دور آهي. موجوده دور ۾ ڏيهه توڙي پرڏيهه ۾ اسڪل جي گهرج آهي. ان موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ انڊسٽريل ريوليوشن متعلق عالمن اسڪالرن سان پنهنجا ويچار ونڊيا ۽ چيو هن عالمي ڪانفرنس کي ڏسي خوشي محسوس ٿي رهي آهي. ڊاڪٽر زاهد حسين کنڊ وڌيڪ چيو ته آئون پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر ۽ سندس ٽيم کي هيءَ پروقار ڪانفرنس منعقد ڪرڻ تي مبارڪباد ڏيان ٿو. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالشڪور چيو ته اهو ڏينهن پري ناهي جو بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي ۽ اسڪل ڊيولپمينٽ خيرپور ميرس دنيا جي وڏن تعليمي ادارن سان ڪلهي ۾ ڪلهو ملائي بيهندي، نوجوانن کي گهرجي ته ٽيڪنيڪل تعليم طرف متوجه ٿين. ڪانفرنس کي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر عبدالسميع قريشي چيو ته مستقبل ۾ مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ۽ بينظير ڀٽو شهيد يونيورسٽي آف ٽيڪنالاجي اينڊ اسڪل ڊيولپمينٽ خيرپور ميرس ٻنهي يونيورسٽين طرفان ڪانفرنسون منعقد ڪيون وينديون، جنهن سان سنڌ جي نوجوانن ۾ اڃان به وڌيڪ تحقيق جي بيداري پيدا ٿيندي. ان موقعي تي ڪانفرنس کي پروفيسر ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالشڪور، پروفيسر ڊاڪٽر حيدر عباس موسوي، پروفيسر ڊاڪٽر حسين بخش مري، ڊاڪٽر آفتاب احمد سومرو پڻ تقريب کي خطاب ڪيو. تقريب جي آخر ۾ آيل مهمانن کي وائيس چانسلر طرفان مڃتا سرٽيفڪيٽ ۽ يادگار شيلڊ ڏنا ويا.

بقايا 37 ----

ڪنزرويٽر محمد سليم وسطڙو، ڊي ايف او سکر هوش محمد شر، ڪنزرويٽر لاڙڪاڻو ظفر وسان، ڊي ايف او خيرپور ضياءِ الدين لغاري ۽ ٻيا آفيسر پيش ٿيا. جسٽس ظفر احمد راجپوت ريمارڪس ڏيندي چيو ته ٻيلي کاتي جي زمين ڪنهن به خانگي ماڻهو کي نه ڏني ويندي ليز جي آڙ ۾ سمورا وڻ وڍيا وڃن ٿا. جامشورو جي پاسي ٻيلي کاتي جي ليز تي ڏنل زمينن تي ڪمرشل لاءِ وڪرو ڪئي پئي وڃي جسٽس ظفر احمد راجپوت جا ريمارڪس. ٻيلي کاتي جي آفيسرن عدالت کي آگاهي ڏيندي عدالت ٻڌايو ته سنڌ سرڪار 2023 ۾ نئين پاليسي ناهي آهي ته ٻيلي کاتي جي زمين فاريسٽ کانسواءِ ٻي مقصد لاءِ نه ڏني ويندي جسٽس ظفر احمد راجپوت ريمارڪس ڏنا ته هيءَ پاليسي ناهيندڙن جي فرنٽ مئن قبضا ڪيا آهن انهن ئي پاليسي ناهي آهي ڪچي جي هزارين ايڪڙ زمين ڪنهن جي قبضي ۾ آهي انهن جا نالا ٻڌايا وڃن جسٽس ظفر احمد راجپوت جو ٻڌڻي دوران ٻيلي کاتي جي آفيسرن کان پڇائو ڪيو جنهن بعد عدالت ٻيلي کاتي جي زمينن بابت سرڪار جي نئين پاليسي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي 25 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 38 ----

ٻڌڻي 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ان سلسلي ۾ پ پ ايم پي اي شهناز انصاري قتل ڪيس بابت فيصلو ٻڌائيندڙ ماڊل ڪورٽ نوشهرفيروز جي عدالت ڪيس جي ٽن جوابدارن کي باعزت بري ڪرڻ واري فيصلي کي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ ۾ چيلينج ڪرڻ واري درخواست جي ٻڌڻي ٿي، ڪيس مان بري ٿيلن جي وڪيل عدالت کان ڪيس جي تياري ڪرڻ لاءِ مهلت گهري ورتي، جنهن بعد عدالت ٻڌڻي 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي عدالتي احاطي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فاطمه انصاري جو چوڻ هو ته ٽي سال اڳ قتل ٿي ويل ايم پي اي شهناز انصاري جي قتل ڪيس ۾ ماڊل ڪورٽ نوشهروفيروز جي عدالت هڪ جوابدار وقار ڪوڪر کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي هئي ۽ ٻين جوابدارن کي بري ڪيو هو. نوشهروفيروز ماڊل عدالت جي ان فيصلص کي سنڌ هاءِ ڪورٽ بينچ سکر ۾ چيلنج ڪيو هو جنهن جي اڄ ٻڌڻي ٿي جوابدارن جي وڪيل جي عدالت کي ڏنل مهلت واري درخواست تي ڪيس 17 آگسٽ تائين ملتوي ڪيو ويو آهي، عدالت مان انصاف جي اميد آهي قاتلن کي سزا ضرور ملندي.

بقايا 39 ----

لائين جي ناڪاري بابت پڇائو ڪيو ۽ موٽرون نه هلائي رهيا آهن. سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪري کيس پاڻي جي فراهمي سميت شهرين کي درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو جن ۾ پاڻي جي لائين جي اهم مسئلن سميت پبلڪ هيلٿ کاتي جي انجنيئر ثناءالله يقين ڏياريو سوشل ميڊيا ذريعي ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهه ٻولهه دوران پاڪستان پيپلزپارٽي سڪرنڊ ڪميٽي 4 ٽائون جي نئين چونڊيل چيئرمين جيئي شاهه ۽ سماجي شخصيت محمد ياسين آرائين چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي اعلي قيادت سميت عوام جي چونڊيل نمائندن کي ڀرپور سهڪار جي خاطري ڪرائي آهي، پارٽي ملڪ کي ڏنل بحرانن کان متاثر ٿي عوام کي سندن بنيادي ۽ مقامي حق ڏيارڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي، پ پ جي نمائندن ۽ ڪارڪنن جو اولين فرض آهي ۽ اهو فرض مرڻ گهڙي تائين جاري رکيو ويندو ريجنٽ واري علائقي ۾ ڪجهه مهينا اڳ شهيد ٿيل اڳواڻ ۽ ڪارڪن جي منشور ۾ قائم پلاڙه جي زير زمين مين پائيپ لائين ڦاٽي وئي هئي جنهن کي وڏي محنت سان مرمت ڪرايو ويو ۽ عارضي مرمت بعد مڪمل مرمت ٿيڻي هئي پر صحت کاتي سميت ٻين لاڳاپيل کاتن جا عملدار خاموش تماشائي بڻيل آهن، اسان عوام جا نمائندا آهيون ۽ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ هر پليٽ فارم تي آواز اٿارينداسين، عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪم تيز ڪيو وڃي ته جيئن جن علائقن جي رهواسين کي پاڻي جي فراهمي ملي سگهي، پاڻي جي کوٽ کي يقيني بڻائي سگهجي ٿو.

بقايا 40 ----

چيئرمين محبوب عباسي جي سالگرهه جي موقعي تي مخدوم بلاول وليج ڪراچي ۾ ڪوٺايل تقريب ۾ ڪيو ان موقعي تي محبوب عباسي خطاب ڪندي چيو ته منهنجي هر ڪم جو محور صرف سنڌ آهي ۽ ڪراچي سنڌ جي شهه رڳ آهي جنهن جي صورتحال سڄي ملڪ تي نظرانداز ٿئي ٿي ان ڪري ڪراچي سوشل فورم جوڙي هتان جي عوام کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش پيا ڪريون نعيم رحمان ۽ مقبول صديقي واري لساني سياست کي ڪراچي واسي رد ڪري چڪا آهن سنڌي ماڻهو محب وطن آهن جن سڀ کان پهريان ملڪ جي قرارداد پاس ڪري ڳُهَر ڪئي سنڌي ماڻهو پنهنجي بقا لاءِ دفاع ۽ جدوجهد ڪرڻ ڄاڻين ٿا ڌرتي واسي روزگار ۽ تعليم لاءِ ڪراچي اچن ۽ پنهنجا شناختي ڪارڊ ٺهرائي ووٽ داخل ڪرائين جيئن ڪراچي جي حقيقي طرح وارثي ڪري سگهجي عورتن جي ترقي واري صوبائي وزير شهلا رضا خطاب ڪندي چيو ته پ پ واحد عوامي پارٽي آهي جنهن ڪراچي ۾ مزدور ماڻهن جي ڳوٺن ۽ آبادين کي ريگيولرائيز ڪري سهولتون ڏنيون آهن آئون هر محاذ تي سنڌ جي عوام خاص طور تي عورتن ۽ نياڻين جي حقن لاءِ وڙهان ٿي ڇاڪاڻ آئون اهڙي ليڊر جي ڪارڪن آهيان جيڪو آمرضياء سان وڙهيو منهنجي وزارت نياڻين کي هنري تعليم لاءِ ڪم ڪري پيئي ڳوٺن ۾ نادرا جون گاڏيون موڪليون آهن رهواسي پنهنجا شناختي ڪارڊ ٺهرائن جيئن انهن کي حق ملي سگهن هن ملڪ کي گڏجي تباهه ڪيو هو هاڻي لساني سوچ ختم ڪري گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو محبوب عباسي هڪ سنجيده شخصيت آهي جيڪو اجتماعي مفادن کي ترجيح ڏئي ٿو عوام ساٿ ڏئي ته وڌيڪ بهتري لاءِ ڪم ڪندس قومپرست اڳواڻ ايڊووڪيٽ سيد غلام شاهه چيو ته ڪراچي ماضي جو مثالي رواداري وارو شهر هو پر هڪ سوچ تحت پاڙن کي وڙهائي خونريزي ڪرائي وئي ڪراچي ۾ جيئو ۽ جيئڻ ڏيو واري سوچ تحت گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن هن کي ٻيهر امن جو شهر بڻائي سگهجي محبوب عباسي جون ڪراچي جي سوشل فورم تان هتان جي رهندڙ ماڻهن لاءِ ڪيل سياسي، سماجي، علمي ۽ صحافتي خدمتون قابل تحسين آهن پ پ جا اڳواڻ حاڪم جسڪاڻي چيو ته سياست خدمت جو نالو آهي ان ڪري نسل پرستي واري سوچ ختم ڪري سڀني کي هلڻو پوندو ڪراچي ۾ رهندڙ ڀائر آهيون ووٽ ان کي ڏيڻ گهرجي جيڪوهر ڏک ۾ به گڏ هجي پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻي چيو ته جديد سنڌ کي جن شين جي ضرورت آهي محبوب عباسي انهن تي عملي ڪم ڪيو آهي تعليم لاءِ سنا اسڪول ڏنا ائس. شهري آباديون قائم ڪيون ائس ۽ مظلومن جي آواز لاءِ ايڪتا ميڊيا گروپ ۽ جوڙيو ائس ايڊووڪيٽ اي بي لاشاري چيو ته نڪو رد عمل ڏيڻ وارو رويو تبديل ڪرڻ گهرجي ارڙهين ترميم بعد سنڌ کي ڪافي حق مليا آهن پر سسٽم درست نه هئڻ ڪري ڪيائين سان منهن ڏيڻو پوي ٿو اسان کي ڪاروبار تي ڌيان ڏيڻ گهرجي صحافي مشتاق سرڪي چيو ته سنڌ لاءِ آواز اٿارڻ هڪ ڏوهه بڻجي چڪو آهي مون کي ان ڏوهه ۾ ڏهه ڏينهن ادارن کڻي ٽارچر ڪيو ۽ هاڻ سنڌ حڪومت فورٿ شيڊول ۾ نالو ڏئي چرير تي به پابندي هنئي آهي پ پ ووٽ لاءِ افغانين کي سنڌ جي شناخت ڏني ڊاڪٽر حميد سنڌوئي چيو ته 47 ع ۾ هندستان کي آزادي ملي پر سنڌ کي صرف پاڪستان مليو جتي سنڌ جا مسئلا حل نه پيا ٿين فيڊريشن سنڌين جي مسئلن کي نظرانداز ڪري رهي آهي ع ج پ مرڪزي اڳواڻ رشيد سڌايو چيو ته سنڌ سڌائين ڏڪايل آهي اڄ به هڪ ڪروڙ ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن نياڻين ٻارن ۽ عورتن کي مختلف سببن ڪري قتل ڪيو پيو وڃي ڳوٺن ۾ ڪتي، نانگ جي ڏنگ جي سوئي ڪونهي راز شرچيو ته ماضيءَ واري سنڌ لاءِ ٻيهر گڏ ٿيڻو پوندو سچل وڏو چيو محبوب عباسي گهڻ رخي شخصيت آهي هن پنهنجي ڪم ۽ ڪردار ڪري سڀني جو محبوب آهي. پنهل لاڙڪ چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي جيڪا مشڪلاتن ۾ ورتل آهي محبوب عباسي پنهنجي ٽيم سان ڌرتي ماءُ جي ڏکن جي خاتمي لاءِ ڪم ڪري ٿو خادمين سنڌ سربراهه ارشد عباسي چيو ته اسان پنهنجي اولاد کي گٽڪي ۽ ٻئي نشي کان پري رکڻ گهرجي تقريب کي عنايت ڪتيان، اياز گاهه پروفيسر حنيف ڪانڌڙو ،ستار راجپر، آفتاب گوپانگ پڻ خطاب ڪيو قومي راڳي بيدل مسرور مان ڏرهي آهيان گيت ٻڌايو ۽ آخر ۾ سالگرهه جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو ۽ شرڪت ڪندڙن محبوب عباسي کي سماجي خدمتن عيوض ثقافتي اجرڪ ٽوپي گلدستن جا تحفا پڻ ڏنا.

بقايا 41 ----

نيڪال ڪرڻ لاءِ نوان سر نالا ناهڻ جي ضرورت آهي انهي ڪري آبپاشي ۽ ايل بي او ڊي ڪاٽو ضلع انتظاميه جي مشاورت سان اسڪيمون جوڙي ته جيئن ضلع جي عوام کي مستقبل ۾ ڪنهن وڏي تباهي کان بچائي سگهجي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪمشنر آفيس جي ڪميٽي روم ۾ ضلع نوشهروفيروز ۾ امڪاني برساتن ۽ ٻوڏ کي منهن ڏيڻ لاءِ منعقد ڪيل گڏجاڻي جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، چيف انجنيئر ڊرينيج ون منصور احمد ميمڻ، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ شهيد بينظيرآباد امجد ميمڻ، ريجنل ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ ذاڪر حسين راڄڙ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سيڪو منصور احمد، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهروفيروز ڊاڪٽر اسدالله ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن غلام عباس گوراهو سميت خوراڪ، پوليس، زراعت، سوشل ويلفيئر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪمشنر محمد عباس بلوچ چيو ته امڪاني برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري تمام ضروري آهي جنهن سان عوام جي جان ۽ مال کي بچائڻ سان گڏ تڪليفن کي پڻ گهٽائي سگهجي ٿو انهي سلسلي ۾ ضلع انتظاميه ۽ لاڳاپيل کاتا گڏيل برساتن ۽ ٻوڏ کي نظر ۾ رکندي برساتي پاڻي جي نيڪال سميت ريسڪيو ۽ ريليف لاءِ ڪانٽجنسي پلان تيار ڪري وٺن ۽ مانيٽرنگ ڪميٽي ۽ ڪنٽرول روم پڻ قائم ڪيا وڃن ڪمشنر ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته سيني شهرن ۾ ڊرينج جي پاڻي جي نيڪال لاءِ ڊرينيج نالن جي صفائي ۽ ڊسپوزل تي مشينري کي چالو حالت ۾ موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي ان کانسواءِ برساتن کانپوءِ واري صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پڻ پلان ترتيب ڏنو وڃي جڏهن ته قومي شاهراهه ۽ ريلوي ٽريڪ کي محفوظ بڻائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن ته جيئن زميني آمدرفت جو رستو بحال رکي سگهجي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن پاران امڪاني برساتن کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڙيل پلان بابت تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

آفيس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن، لاڙڪاڻو

(ويجهو هاءِ ڪورٽ بلڊنگ، سي ايم سي روڊ، لاڙڪاڻو، فون نمبر: 074_9410501، اي ميل: ewdlarkana@gmail.com

No.XEN/EWD)/TC/G-55/627 Larkana, Dated: 05/05/2023

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن/ڪانٽريڪٽرز کان SPPRA رولز 2010 (هيل تائين ترميم ٿيل) موجب اسٽينڊرڊ بڊنگ ڊاڪيومينٽس تحت سنگل اسٽيج_ٽو انويلپ طريقيڪار تحت هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ مهربند ٽينڊرز گهرائجن ٿا.

ADP/ Sr. No.	اسڪيم جو نالو/لوڪيشن	ڪيل لاڳت (ملين ۾)	سوٽي رقم (5%) (روپين ۾)	ٽينڊر في (روپين ۾)	تڪميل جو مدو
	ڊسٽرڪٽ بيسڊ اسڪيمون				
272	گورنمينٽ بوائز هائر سيڪنڊري اسڪول رتوديرو ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي (01 يونٽ) (پروگرام 20_2019)				
1	جي بي ايچ ايس رتوديرو (ڊجيٽل ليب ۽ ليبرٽري بلاڪ 10 سيٽڊ) (بيلينس ورڪ)	3.900	195,000	3000	15 مهينا
	پراونشل بيسڊ اسڪيم				
2344	تعلقي رتوديرو ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻو جي قبرستان/امام بارگاهه جي ڪمپائونڊ وال جي تعمير/مختلف ڳوٺن جي عيد گاهه جي ٻيهر تعمير				
2	ڳوڙهي خدا بخش پتو	8.950	447,500	3000	18 مهينا
3	پندو ڦبو	3.327	166,350	3000	18 مهينا
4	موئن پور محلا ستي رتوديرو	9.667	483,350	3000	18 مهينا
5	مسوديرو	3.992	199,600	3000	18 مهينا
6	خان واهه	3.276	163,800	3000	18 مهينا
7	ڇچڙا	3.085	154,250	3000	18 مهينا
8	بنگل ديرو	3.732	186,600	3000	18 مهينا
9	پائي خان کهانگهرو	5.819	290,950	3000	18 مهينا
10	ٻنجوديرو	6.922	346,100	3000	18 مهينا
11	پير متارو	2.711	135,550	3000	18 مهينا
12	بروهي اسٽريٽ مبارڪ شاهه رتوديرو سٽي	5.138	256,900	3000	18 مهينا
13	پير ڏنل شاهه	4.295	214,750	3000	18 مهينا
14	الله بخش هڪڙو	3.162	158,100	3000	18 مهينا
15	ڪرم خان جلباڻي	4.192	209,600	3000	18 مهينا
16	خدا بخش ڦلپوٽو	1.804	90,200	3000	18 مهينا
17	ابراهيم جي واند	2.945	147,250	3000	18 مهينا
18	محمد فقير ويجهو ڳوٺ همت علي پناهڻ	4.190	209,500	3000	18 مهينا
19	بوسڻ	4.409	220,200	3000	18 مهينا
20	پير لطيف شاهه	4.230	211,500	3000	18 مهينا
21	بلند خان سنائي	4.192	209,600	3000	18 مهينا
22	وارث ڏنو ماڇي	3.616	180,800	3000	18 مهينا
23	راجو جيهو (زاهد جيهو محلا)	2.504	125,200	3000	18 مهينا
24	جمعو شيخ ايٽ ممتاز شيخ محلا	3.555	177,750	3000	18 مهينا
1980	نئون ديرو ۽ رتوديرو سٽي ۾ به ريسٽ هائوس جي ريهيبليٽيشن ساڻ فرنيچر ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻو (پروگرام 23_2022)				
25	ريسٽ هائوس نئون ديرو	12.575	628,750	3000	18 مهينا
26	ريسٽ هائوس رتوديرو	13.600	680,000	3000	18 مهينا
	ايم اينڊ ار ورڪس (23_2022)				
27	جي بي پي ايس عبدالله دڪڻ تعلقو رتوديرو	0.700	35,000	300	03 مهينا
274	ڊسٽرڪٽ لاڙڪاڻو جي شيلٽر ليس پرائمري اسڪولن لاءِ بلڊنگ جي تعمير (04 يونٽس) (پروگرام 23_2022)				
28	جي بي پي ايس روحل خان ڪلهوڙو تعلقو باقراڻي	15.850	792,500	3000	18 مهينا
318	پرائمري اسڪول کان ايليمينٽري اسڪول ڏانهن اپ گريڊيشن ساڻ لاڳاپيل سهولتون (12 يونٽس) (پروگرام 23_2022)				
29	جي بي پي ايس محبوب بروهي تعلقو باقراڻي	19.100	955,000	3000	18 مهينا
30	جي بي پي ايس جمعو ڪلهوڙو تعلقو باقراڻي	19.100	955,000	3000	18 مهينا

2. هن اين آءِ ٽي جي جاري ٿيڻ جي تاريخ کان واڪ دستاويز جاري ڪيا ويندا جيڪي اخبارن ۽ SPPRA PPMS پورٽل ۾ شايع ٿيڻ سان مشروط آهن ۽ ڪنهن به ڪم ڪندڙ ڏينهن تي 29.05.2023 تائين هيٺ دستخط ٿيل آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا لکت واري درخواست جمع ڪرائڻ ۽ ٽينڊر جي اداڪيگي تي فيس (ناقابل واپسي) (نقد يا پي آرڊر جي شڪل ۾ هيٺ دستخط ٿيل جي حق ۾) پي کي روپيا ۾. بلڊنگ جا دستاويز SPPRA جي PPMS ويب سائيٽ (www.ppms.pprasindh.gov.pk) تي پڻ موجود آهن
3. مونجهاري کان بچڻ لاءِ بلڊنگ دستاويزن تي مشتمل لفافن کي "فنانشل پروپوزل" ۽ "ٽيڪنيڪل پروپوزل" جي طور تي ٿلهي ۽ واضح اکرن ۾ نشان لڳايو ويندو ۽ 30.05.2023 تي 1:00 وڳي تائين واپس وصول ڪيو ويندو/جمع ڪيو ويندو "ٽيڪنيڪل پروپوزل" جي طور تي نشان لڳل لفافو ان ئي ڏينهن يعني 30.05.2023 تي منجهند 2:00 وڳي سي ايم سي اسٽاف ڪالوني، هاءِ ڪورٽ بلڊنگ سي ايم ايس روڊ لاڙڪاڻو جي ويجهو واقع هيٺ دستخط ٿيل آفيس ۾ پروڪيورمينٽ ڪميٽي / دلچسپي رکندڙن جي موجودگي ۾ يا انهن جا بااختيار نمائندن جي آڏو کوليو ويندو
4. غير جوابي/ رد ٿيل بڊز/ ٽينڊرز/ پروڪيورمينٽ جي ڪنهن ميمبر جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾، واڪ جا دستاويز ايندڙ تاريخ يعني 19.06.2023 تائين ٻيهر جاري ڪيا ويندا. پروپوزل (مالي ۽ ٽيڪنيڪل) 20.06.2023 تي منجهند 1:00 تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ جمع ڪيا ويندا ۽ ساڳئي ڏينهن يعني 20.06.2023 تي منجهند 2:00 وڳي پروڪيورمينٽ ڪميٽي جي موجودگي ۾ مٿي ڄاڻايل هنڌ تي دلچسپي وٺندڙن/فرمز يا انهن جا بااختيار نمائندن آڏو کوليا ويندا.
5. "فنانشل پروپوزل" جي طور تي نشان لڳل لفافو خريد ڪرڻ واري ايجنسي جي تحويل ۾ رکيو ويندو بغير کولڻ جي.
6. ٽيڪنيڪل پروپوزل جو جائزو ورتو ويندو اڳواٽ بيان ڪيل انداز ۾، قيمت جي حوالي کان سواءِ ۽ ڪنهن به تجويز کي رد ڪيو ويندو جيڪو مخصوص ضرورتن جي مطابق نه هجي. ٽيڪنيڪل پروپوزل ۾ ڪا به ترميم جي اجازت نه هوندي ٽيڪنيڪل تشخيص دوران.
7. فنانشل بڊس جي فنانشل بڊس/ ٺيڪيدار کي کوليا ويندا ۽ ان جو اعلان عوامي طور تي تاريخ ۽ وقت تي ڪيو ويندو جيڪو اڳواٽ سڀني قابل بولي ڏيندڙن کي لکت ۾ ٻڌايو ويندو. ٽيڪنيڪل طور تي غير معزز / غير قابليت رکندڙ بوليندڙن جي مالي تجويز لاڳاپيل بولبرن کي اڻ کليل واپس ڪئي ويندي ۽ سڀ کان وڌيڪ فائدي وارو يا بهترين جائزو ورتو ويو آهي قبول ڪيو ويندو.
8. بولي جي رقم جو 5 سيڪڙو (پنج سيڪڙو) ٽيڪنيڪل پروپوزل سان گڏ جمع ڪرايو ويندو هڪ شيڊول بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل ڪال ڊيپازٽ جي شڪل ۾، جنهن ۾ مڪمل نالو مڪمل ايڊريس تي مشتمل بڊنگ دستاويزن جي جمع ڪرائڻ وقت هيٺ دستخط ڪندڙ جي حق ۾. . ٽيليفون نمبر فيڪس نمبر ۽ تنظيم جو اي ميل.
9. پرفارمنس سيڪيورٽي 10 سيڪڙو (ڏهه سيڪڙو) بڊ جي رقم جو هڪ ڪامياب بولي ڏيندڙ طرفان جمع ڪرايو ويندو ڪال ڊيپازٽ جي شڪل ۾ جيڪو شيڊول بئنڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل آهي هيٺ دستخط ٿيل جي حق ۾.
10. سنڌ سيلز ٽيڪس ۽ ايف بي آر ٽيڪس وغيره جيئن لاڳو ٿئي حڪومت جي ضابطن / پاليسين تحت ڪانٽريڪٽر/بوليندڙ کي ادائيگي جي وقت ڪٽيا ويندا
11. اسٽيمپ پيپر تي معاهدو ڪيو ويندو بولبڊر / فرم طرفان ڏنل معلومات صحيح آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به اسٽيج تي گمراهه ڪندڙ ثابت ٿيو ته ڪم کي منسوخ ڪيو ويندو.
12. بلبدر جيڪڏهن خريداري واري ڪانٽريڪٽ حاصل ڪرڻ يا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش دوران بدعنواني ۽ فراڊ جي عملن ۾ ملوث معلوم ٿئي ٿو يا امن امان جو مسئلو پيدا ڪري ٿو يا ٽينڊر باڪس ۾ بولي داخل ڪرڻ ۾ بولي ڏيندڙن لاءِ غير ضروري رڪاوٽ پيدا ڪري ٿو ته ان ۾ حصو وٺڻ جو اهل نه هوندو بولنگ جي عمل ۽ ڪارو فهرست ۾ ڪيو ويندو
13. قابليت/ اهليت:
   1. فيڊرل بورڊ آف روينيو وٽ صحيح رجسٽريشن فائلر يا نان فائلر اسٽيٽس/ NTN سان.
   2. سنڌ روينيو بورڊ (SRB) وٽ صحيح رجسٽريشن.
   3. موجوده سال لاءِ رجسٽريشن ڪوڊ CE_10 سان لاڳاپيل ڪيٽيگري C_G ۾ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان صحيح رجسٽريشن (سواءِ 4,000 ملين روپين تائين جي ڪمن جي).
   4. بوليءَ تي فرم جي بااختيار شخص طرفان دستخط، نالو ۽ اسٽامپ سان گڏ اجازت ڏيڻ گهرجي.
   5. گذريل پنجن سالن دوران جاري ڪيل ڪم جي ساڳي نوعيت ۾ تجربو
   i. ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي هڪڙي نوعيت واري ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 80 سيڪڙو ڪم جي تخميني لاڳت جو يا گهٽ ۾ گهٽ ٻن هڪڙي نوعيت جي ڪم جي گهٽ ۾ گهٽ قيمت 50 سيڪڙو اندازي مطابق.
   6. سراسري سالياني مالي ٽرن اوور گذريل پنجن سالن دوران اسڪيم / پروجيڪٽ جي برابر لاڳت کان گهٽ ناهي.
   7. مشينري ۽ سامان جا تفصيل (ٽريڪٽر ٽرالي، ميڪچر مشين، لفٽ مشين، وائبريٽر، هينڊ ٽراليون، شٽرنگ جو سامان، گليڊرڊ مشينون ۽ جنريٽر وغيره) بلڊنگ جي ڪمن وغيره جي عمل لاءِ پاڻ يا ڪرائي تي ڏيڻ تي دستياب آهن.
   8. قابليت ۽ تجربي سان ٽيڪنيڪل اهلڪارن جا نالا ۽ اهر سائيٽ مئنيجمينٽ اسٽاف ۽ انهن جي ماهوار تنخواه وغيره جا دستاويزي ثبوت (گذريل ٽي سال).
   9. سڀ کان وڌيڪ فائديمند يا بهترين اندازي ڪيل بيڊ کي قبول ڪيو ويندو جيئن بيان ڪيل دستاويزن ۾ بيان ڪيل وضاحت.
14. بوليءَ جو ڪارگر مدو: _ (90) ڏينهن.
15. موڪلن جي صورت ۾ يا هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جو ڪو ميمبر يا اڻ ٽاڻا حالتن ۾، جمع ڪرائڻ ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي بڊز/ پروپوزل کي کوليو ويندو بڊس جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جي ڪلاڪ اندر، ٻيون شرطون ۽ حالتون ساڳيون رهنديون.
16. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
17. پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (تاريخ تائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شڻ جي تابع سموري يا ڪنهن به بول کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
ايجوڪيشن ورڪس ڊويزن،
لاڙڪاڻو

پڙهندي سنڌ ته...... وڌندي سنڌ

INF/KRY#1875/2023